# رهبر ڊائجيسٽ

لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ



# رهبر ڊائجيسٽ

## جنوري ١٩٧٣ع


شمارو نمبر ١ جلد ٤

چيف ايڊيٽر : اي. ڊي. وساڻ

ايڊيٽر : عابد لغاري

مددگار : اي. ايڇ. مکسي بلوچ

انتظاميه

جنرل مئنيجر: اسلم رضوي

سرڪيوليشن مئنيجر: عبدالله پٿو

ايڊورٽائزنگ مئنيجر: سيد مير محمد شاه

مصور : مجزون

قيمت ٠٠-٢ روپيه سالياڻو چندو ٠٠-٢١ روپيه



آفيس :
رهبر پبليڪيشنس
عباسي چيمبرس
قاضي عبدالقيوم روڊ
ڪاڌي ڪاٽو، حيدرآباد سنڌ

پوسٽل ائڊريس :
پوسٽ باڪس نمبر ٤٨
حيدرآباد سنڌ



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ

# نئين سال جي پهرين رهبر ۾....


| | | |
|---|---|---|
| ✽ منهنجو ڪانگل.... | خط | ٥ |
| ✽ راز ۽ نياز | ايڊيٽر | ١١ |

معاشرو

| | | |
|---|---|---|
| ✽ استاد ۽ سنڌس ڪردار | بي . اي ٿهڪماڻي | ١٩ |

تاريخ سنڌ

| | | |
|---|---|---|
| ✽ امر شهيد هيمون؟ | زينت نذير | ٣١ |

تاريخ عالم

| | | |
|---|---|---|
| ✽ امير تيمور | ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٥٨ |
| ✽ اسلامي تاريخ جو هڪ ورق | پروفيسر نوازعلي 'شوق' | ٤٣ |

افسانا

| | | |
|---|---|---|
| ✽ حسرت | محزون | ٣٦ |
| ✽ شريڪ ـ حيات | مشتاق ٻاريچو | ٣٩ |

ملايا جي لوڪ ڪهاڻي

| | | |
|---|---|---|
| ✽ پهريدار | بخاري | ٣٣ |
| | سيما ممتاز عباسي | |

شعر و شاعري

| | | |
|---|---|---|
| ✽ قرآن | 'فيض' بخشاپوري | ٤٤ |
| ✽ رباعيون | سردار علي شاه 'ذاڪر' | ٤٩ |
| ✽ غزل | 'قمر'، 'شوق'، 'منصور'، 'ناظم'، 'مخمور'، 'ساجد'، 'جوهر' | ٨١ |
| ✽ بيت | الياس 'عشقي' 'عاصي' 'شاهد' | ٨٨ |


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

| | | |
|---|---|---|
| * ديس جو سپاهي | 'محسن' ڪڪڙائي | |
| * اللهي تون انسان!.... | نادرعلي شاه 'سير' | ٨٤ |
| * ڪافي (سرائڪي) | حسين بخش مگسي | ٨٥ |
| * موسم بهار....• | علي انور 'ضيا' | ٨٦ |
| * پورهيو | 'آثم' ناٿن شاهي | ٩٢ |
| * صلو سادگي جو | اسحاق 'راهي' | ٩٤ |

## متفرق

| | | |
|---|---|---|
| * لڙڪ ۽ مرڪ | خليل جبران | ٩٧ |
| * اڪيلائي جو ساٿي | ڪي . ايل . تنها | ١٠١ |
| * اکرن جي اکيڙ | ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٩د |

## تنقيدي تبصرو

| | | |
|---|---|---|
| * نور شاهين ۽ سنڌي غزل | شيخ عبدالرزاق 'راز' | ١٠٩ |

## ڪتاب تي جائزو

| | | |
|---|---|---|
| * مانوزي ننگ | قربان علي بگٽي | ١١٩ |
| مصنف: رل بخش ٻليجو | قسط ٻي | |

## بهترين ناولن جو اختصار

| | | |
|---|---|---|
| * تقدير | ٿامس هارڊي<br>غلام نبي ميمڻ | ١٢٩ |
| * وڏو ماڻهو | بشير بلوچ | ١٤٠ |

## سرورق

| | | |
|---|---|---|
| * چترڪاري | مخزون | |


وٽ سورنهدي ولهان، ويــو تيل ٻري،
موٽ مسافر سهرين، چانگي تــي چڙهي،
راتــي لاه رڙي، وٺي وهامي راتــڙي۔ (شاه)

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

# منهنجو ڪانگل آهي قرب وارو

✻ ڀاءُ عابد صاحب

السلام عليڪم. ادا رهبر نه واقعي رهبر آهي. زندگيءَ جو رهبر، ادب جي ميدان ۾ رهبر، اسلاميات جي اسٽيج تي رهبر، بهرحال رهبر ڊائجيسٽ سنڌ جي عوام جو رهبر آهي. مان بلا ناغي جي بڪ اسٽالن تان اوهان جو رهبر خريد ڪندو رهندو آهيان. پر جيڪڏهن ميمبر بڻائڻ چاهيو نه پلي جنوريءَ کان وي. پي ڪري موڪليو.

فقط اوهان جو قريشي عبدالمجيد شاهد سکر

✻ برادرم عابد سائين السلام عليڪم!

اڄ اوچتو مارڪيٽ ۾ اوهان جو رهبر ڏٺم، تعجب ٿيو نه 'فرار' ٿيل وري ظاهر ٿيو آهي جا خوشي ۽ جهڙي ڳالهه آهي. ادا هن وقت ضرورت هن ڳالهه جي آهي نه اسان ماڻهن ۾ پنهنجن حقن وٺڻ جو جذبو پيدا ڪيو ۽ ان سان گڏ نون لکندڙن کي به موقعو ڏيو نه جيئن هو اڳتي وڌي سگهن.

رفيق . ابن . بخاري سجاول

✻ جناب مڙا عابد. سلامت رهين

السلام عليڪم. اوهان جو پيارو رسالو مان هر مهيني پڙهندو آهيان، هاڻي نه روز بروز پيارو ٿو لڳي. ڪجهه سگهه ساري شعر موڪلي رهيو آهيان. خدا ڪندو نه اشاعت جهڙا هوندا. اوهان جو جوهر بروهي حيدرآباد

رهيو آهيان ترتيب ڏئي شايع ڪندا، مهرباني.
جوهر بروهي سيڪريٽري تنظيم بروهي فريدآباد

* محترمي:
نئين سر رهبر کي جاري ڪرڻ تي ۽ اڳي کان وڌيڪ سهڻو سينگارڻ تي انتظاميه ۾ اداري جي سرپرستن ۽ ادارت جي رهبرن لاءِ دلي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.
رحمت الله چنو شاهپور جهانيان

* محترمي عابد السلام عليڪم.
جي ليلائي نه لهين ته پڻ ليلائج
آمرو م َ لاهيج سڄڻ ڄاڃهينڊڙ ڪهڻو
جيئي سنڌ ـ ڊسمبر جو پرچو نظر مان گذريو اندازو لڳايم ته اوهان سنڌي ادب جي صحيح خدمت ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهيو. اوهان شڪاريات جي لاءِ به ڪي صفحا مخصوص ڪري واقعا شايع ڪريو. ان سان ڊائجيسٽ جو معيار وڌندو.
عطاءالله وقاصي سلطان آباد

* جناب اعلي
ڪافي وقت کان اوهان جي محفل ۾ شرڪت جي ڪوشش ڪندو هيس نيٺ هن پيري ان جو موقعو ملي ويو. هڪ ڪهاڻي پيش خدمت آهي اميد ته نااميد نه ڪندا. مان ۽ دوست بشيراحمد اوهان جو رسالو پڙهي ڪافي لطف اندوز ٿيندا آهيون. توهان جون ڪوششون تعريف جي لائق آهن.
فقط پرتابرائي مولچندائي رنوديرو

* جناب عابد لغاري. السلام عليڪم
هڪ مضمون بعنوان "اسلامي شريعت ۾ فرد ۽ رياست" موڪلي رهيو آهيان. جيڪو عربي ڪتاب نان اخذ ڪيل آهي.

هي مضمون اسلامي شريعت ۾ هڪ فرد جو رياست تي حق ۽ رياست جا ڪم ۽ حقوق واضح ڪري ٿو. شايع ڪري همت افزائي ڪندا.          اوهان جو حافظ واحد بخش شڪارپور

✽ پيارا پرين عابد صاحب

اڳي رهبر پڙهندو هئس. وچ ۾ بند ٿـي ويو ته ڏاڍي ڀاڙائي ٿي، پر رب جا وري به شڪرانا آهن جو توهان جي همت سان وري رهبر جي رهبري ٿي. تازو پرچو سڄو سينگاريل آهي. ٽائيٽل ۽ اندريان بلاڪ ته چڱا ڪتاب جي جان آهن مواد ڪافي دلچسپ آهي. انسانا وڌيڪ ڏيو ته ڏٺو.

بي . اي . دهپ عباسي قمبرعلي خان

✽ عابد سائين

رهبر جو باقاعدي قاري آهيان. مان ڪو شاعـر ڪونه آهيان پر ڪڏهن ڪڏهن قلم مان ڪجهه نڪري ايندو آهـي. جيڪو موڪليان ٿو شايع ڪري همت افزائي ڪندا.

ميمڻ غلام مصطفى 'مشتاق' لاڙڪاڻو

✽ ياءُ عابد السلام عليڪم

جيئي سنڌ ـ مون وٽ ڪجهه شعر ۽ ننڍڙيون ڪهاڻيون آهن جن لاء همت افزائي ۽ رهبر جي رهبريءَ جي ضرورت آهي. توهان ساٿ ڏيندو ته مان پنهنجي خوش نصيبي سمجهندس. منهنجون رهبر لاء نيڪ دعائون.

توهان جو ڪيهر شوڪت

✽ پيارا ياءُ

سنڌڙيءَ نان سر ڪير نه ڏيندو
سهندو ڪير مـــيـــار او يار

ڊسمبر جو پرچو مليو ڪافي پسند آيـو. آزاديءَ جـي

# راز ۽ نياز

ملڪ ۽ قوم جي بهبودي لاءِ انتظاميه جو هئڻ لازمي هوندو آهي ۽ انتظاميه کي دڳ ڏيکارڻ لاءِ موجوده دور ۾ اسيمبليءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي، جا ملڪي انتظام لاءِ قاعدا قانون ۽ طور طريقا سوچي سمجهي ٺاهيندي آهي. انتظاميه جي عمل ۽ ڪردار کي زير بحث آڻي جائز يا ناجائز ۽ منظور يا نامنظور هئڻ جو فيصلو ڏيندي آهي. ان بعد عدليه اسيمبلي جي ٺاهيل قاعدن ۽ قانون کي آڏو رکي انتظاميه ۽ عوام جي وچ ۾ معاملات کي نبيريندي آهي. ان مان ظاهر ٿيو ته اسيمبليءَ ملڪ جي فلاح، بهبود ۽ ترقي لاءِ ضامن آهي ۽ هي اهو ادارو آهي جيڪو انتظاميه ۽ عدليه جي وچ ۾ هڪ اهم ڪڙي آهي. ٽنهي ادارن جي واڳ ان جي هٿ ۾ آهي ان ڪري جيتري سنجيدگي عدليه ۾ ۽ جيتري محنت انتظاميه ۾ نظر اچي ٿي ان کان بدرجها وڌيڪ اسيمبلي ۾ هئڻ گهرجي.

عدالت جي ڪمره ۾ خاموشي، چپ چپات ۽ سنجيدگي جو عالم هوندو آهي، صرف زير بحث مسائل ۽ ڪيسن تي نهايت هوشمنديءَ سان بحث هلندو آهي. هر موجود شخص ان جو احترام ڪندو آهي ۽ ان ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندو آهي پر ان جي برعڪس اسيمبلي هال ۾ جيڪي وهي واپري ٿو اهو سخت تڪليف جو باعث آهي.

قوم پنهنجي پنهنجي علائقي مان وڏ ۾ وڏ بهتر ۽ ڪم واري ماڻهو کي ووٽ ڏيندي آهي ته جيئن هو اسيمبليءَ ۾ ويهي سندن حقن جي حفاظت ڪري يا حقن نه ملڻ جي

ضايع ڪرڻ شامل رهيو، نهڪن جي وسڪارن ۾: ”شٽ اپ مسٽر، تون رڳو بڪ بڪ ڪندو آهين“— ”هن کي يونيورسٽي مان خارج ڪيو ويو هو،“— ”اهي لفظ غير پارليماني آهن، ان ڪري واپس وٺڻ گهرجن.“ پوءِ ان تي گرما گرم بحث ته اهي لفظ پارليماني آهن يا غير پارليماني؟ آخر ۾ نتيجو اهو نڪري ته صرف لفظ واپس وٺڻ جو اقرار ٿئي.

”هو عادتي آهي— ته تون عادتي مجرم آهين.“— ”گهٽ ڳالهاءِ جو دل جو مريض آهين ۽ تون به گهٽ ڪوشش ڪر جو تون دماغي مريض آهين.“— ”هنن کي ڳالهائڻ ئي نٿو اچي، هي رڳو ڪورس جي انداز ۾ اٿن ۽ ويهن ٿا— ته اهي درباري آهن.“

عوام نه درباري چونڊي موڪليا آهن ۽ نه دماغي مريض، جن جو علاج ٿئي ۽ نه دل جا مريض ئي اسيمبلي ۾ سونهن ٿا.

عوام ته انهن کي پنهنجي مرض جي دوا لاءِ چونڊي موڪليو آهي ته هو عوام جا مرض سڃاڻي انهن جو جوڳو علاج ڪن. بهترين ڊاڪٽر مهيا ڪن جيڪي عوام جا نبض شناس هجن ۽ انهن جي صحت جو پورو پورو خيال رکن. پر ميمبر حضرات اسيمبليءَ ۾ پهچڻ بعد هڪ ٻئي کي پيا پرکين: ”هنن کي عقل ۽ فضيلت ڪير سيکاري.“— ”شايد توهان جي رات ڳوري گذري آهي“— ”چرس پيئندڙن خلاف ڇا ڪيو ويو آهي؟— هر خرابي کي پاڪ ڪيو پيو وڃي— ته شايد پيو ڪجهه شروع ٿيو آهي!— ذرا شيروانيءَ جا بٽڻ کولي ملاحظه فرمايو.“

”دامن کو ذرا ديکه ذرا بند قبا کو ديک.“

ڪاش اسيمبلي ۾ ويٺل هر ميمبر پنهنجي دامن کي ڏسي ۽ پرکي ته هوند درد جي دوا ٿي پوي، هي ظلمت جا ڪڪر هٽي وڃن، هي بي اطميناني ۽ نفرت جو دؤر ختم ٿي وڃي. هي آئي، لٽي ۽ اجهي جا محتاج سکي ٿي پون. پر غريبن جي حال تي ڪنهن کي رحم ٿو اچي، يتيمن جو وارث ڪير ٿو ٿي سگهي! مظلومن جو حامي ۽ مددگار ڪير ٿيندو! جيڪي ٽيڻ وارا، انهن ووٽ ته ورتا آهن ته نوٽ به خرچيا آهن ان ڪري ڪنهن جو ڪنهن تي احسان ڪونهي ۽ ڪنهن جو ڪنهن تي فرض ۽ قرض، تڏهن ته اسيمبلي هال ميمبرن ۽ گئلري وارن جي ٽهڪڙن ۽ کوکرن سان گونجبو رهيو.

”هو ڏيڏر وانگر اٿي ۽ ويهي ٿو.“— ”اجا ننڍڙو آهي نيٺ سکي ويندو.“— ”چاچي به چؤ ۽ جهنڊڙي به پاءِ“— هن کي ٽرانسسٽر جا سيل لڳل آهن.“— ”مان جڏهن ميمبر هئس تڏهن تون اجا ڄائو به نه هئين.“— ”اهو غلط آهي ته اسين ڪلاس ميٽ هئاسين البته هوءَ مون وٽ غيرنصابي سرگرمين لاءِ ايندي هئي.“

قوم نه ڪنهن نابالغ کي ميمبر چونڊيو آهي ۽ نه ڪنهن ۾ ٽرانسسٽر جا سيل ئي لڳل آهن. نه وري نصابي ۽ غيرنصابي سرگرمين جو ڪو چڪر هو. بس اهي ڳالهيون ان وقت ڪيڏانهن ٿيون وڃن جڏهن ميمبر حضرات اجلاس کان ٻاهر پاڻ ۾ ملن ٿا، عزت ۽ احترام ڪن ٿا، دعوتون ڏين ۽ کائين ٿا، پر جڏهن قوم جي سڌاري ۽ حق جي حصول جو وقت ٿو اچي تڏهن هن کي هڪٻئي جون سڀ اوڻايون اچيو ياد پون ۽ انهن جي اظهار جو سهڻو وقت به اهوئي آهي.

”هڪ دوشيزه کي سائي چٽي هن جي دوشيزگي

وڄي.“ — ”پوري ايوان ۾ هڪ نياڻي آهي ان کي ٻه ٿڻا سهن.“ — ”شراب وائين جي معنيٰ ۾ ٺهو اچي.“ — ”ڀنگ پيڻ واري کي ڀنگي نه پر مدني چوندا آهن.“ — ”هن جي هوا نڪري وئي آهي.“ — ”هو ڀڃڙي ڪان لهي ويو آهي.“ — ”اولڊ ايج ۽ انڊر ايج، هو ڊاڪٽر گهوڙو آهي. هو ناڪاره ماڻهو آهي- خراب ته توهان به آهيو.“ — ”ايوبي دؤر ۾ يونيورسٽي آرڊيننس ۾ چانسلر لائلپور جو گهنٽا گهر هو.“

اهڙي طرح ڪل جي ڪوڪرن ۽ ٽهڪن ۾ اجلاس ملتوي ٿي و.و. شراب جي تحريڪ ختم ٿي وئي ۽ سيشن جي آخري اجلاس جي به هوا نڪري وئي. ڪم جون ڳالهيون ڪي چند سامهون آيون ۽ عوام جي چونڊيل نمائندن وقت کي ضايع ڪرڻ ۽ عوامي امنگن کي لتاڙڻ، انهن سان مذاق ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر ڪا نه ڇڏي ◉

— عابد لغاري.

---


# سيماب

## ڊائرس ۽ ڊراءِ ڪلينرس

جديد مشين ذريعي عمدي ڌلائي ۽ اعليٰ رنگائيءَ جو مرڪز

**حيدرآباد چوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ**


---

پي . اي . ٽيڪهاڻي

# استاد ۽ سندس ڪردار*

## ١- مڏي: اڳوڻي ۽ هاڻوڪي استاد جي ڀيٽ

اج جي دور ۾ استاد کي معاشري ۾ اهو قدر ۽ منزلت حاصل نہ آهي، جا ڪيس پراڻي زماني ۾ حاصل هئي. انهي اسٽيٽس گهٽتائي جا انيڪ سبب ٿي سگهن ٿا، پر گهڻا ماڻهو جيڪي تعليمي طبقي سان تعلق رکن ٿا، تن جو خيال آهي تہ وڏي ۾ وڏو سبب استاد جي پنهنجي اسٽينڊرڊ يا اڏو ڪابري سنواريل شخصيت آهي.

قديم زماني ۾ استاد هڪ عظيم شخصيت جو مالڪ هوندو هو. هن کي استاد جي اهم مقام حاصل ڪرڻ لاءِ ڪٺن مرحلن مان گذرڻو پوندو هو ۽ ڏک ڏاکڙا سهڻا پوندا هئا. علم پرائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سندس زندگي جو خاص مقصد هوندو هو. سندس شخصيت سراپا علم هوندي هئي. هن جي هر ڪم مان ائين پيو معلوم ٿيندو هو تہ علم سندس عمل ۽ فڪر تي مڪمل طور ڇانيل هو. زندگي جي تجربن ۽ مشاهدن مان حاصل ڪيل قيمتي ذاتي جو سرمايو ڪيس غلط ۽ صحيح ۾

* هي مضمون پهرين سنڌ سائنس ڪانفرنس (جيڪا 'سنڌ سائنس سوسائٽي' جي زير اهتمام سڏايل هئي) جي 'تعليم ۽ سماجي علوم' سيڪشن ۾ پڙهيو ويو (تاريخ ٣٠ اپريل ١٩٧٢ع).

رهبر ڊائجسٽ اپريل ۱۹۷۳ع جو خاص پرچو

# سالنامو

۳۰۰ کان مٿي صفحن تي مشتمل اپريل ۾ شايع ٿيندو. مضمونن جي ترتيب موجب سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن کي گذارش ٿي ڪجي ته هو هيٺين عنوانن مان پنهنجي پسند جو مواد جلد از جلد موڪلي ڏين ته جيئن ترتيب ۾ شامل ڪري سگهجي. پهرين آيل مواد کي اهميت ۽ اوليت ڏني ويندي.

شخصيت، تاريخ، ادب، افسانا، جاسوسي، قومون ۽ قبيلا، سير و سفر، شڪار، حادثا، جنگ عظيم، آتم ڪهاڻيون، طنز ۽ مزاح، نفسيات، حيرت انگيز معلومات، نه وسرندڙ واقعا، ناولن جو اختصار ترجما، سياست، قوميت، سائنس ۽ شعر و شاعري کان سواءِ ڪنهن به عنوان تي دلچسپ ۽ معلوماتي مواد قبول ڪيو ويندو. آتم ڪهاڻين، نه وسرندڙ سچن واقعن ۽ افسانن تي انعام به ڏنا ويندا.

ايجنٽ حضرات ۽ اشتهار ڏيندڙ ڪمپنيون ۽ فرمون هن خاص پرچي جي اهميت ۽ اشاعت مان خاص فائدو وٺن ۽ پنهنجا آرڊر بک ڪرائين.

هن پرچي جي قيمت ۵ روپيا هوندي. ساليانه ميمبرن کي ساڳي قيمت ۳ روپيا ۾ ملندو. توهان به اڄ ئي ميمبر ٿي ان مان فائدو وٺو ۽ سال ۾ ۷ روپيا جي بچت ڪريو.

پتو: ماهوار رهبر ڊائجسٽ پوسٽ باڪس ۴۸ حيدرآباد سنڌ.

# عمده آهي آدم چانهه
# اعلي آهي آدم چانهه




سيلون
جي بهترين
چانهه سان
تيار ڪيل

آدم جي

# اولمپڪ
# چانهه



معاشري ۾ استاد جي مڪمل تعاون ڪان سواءِ ڪابہ تعليمي ۽ تدريسي ترقي ٿي نٿي سگهي. معاشري کي گهرجي تہ هو پنهنجي ٻارن جي تعليم لاءِ انهن فردن جو انتخاب بطور استاد جي ڪري جيڪي انهي ڪم لاءِ موزون هجن ۽ انهن کي معاشري ۾ پنهنجو جائز مقام ڏنو وڃي.

استاد جي لاءِ بہ هي لازم ٿيندو تہ هو پنهنجو پاڻ کي معاشري جي اعتماد جو اهل ثابت ڪري●

---


# خريدارن کي ڪئلينڊر مفت

اسان سال ١٩٥٣ع جو ڪئلينڊر جنهن تي اسانجن خوبصورت ٽائيٽلن مان بهترين انتخاب جو نمونو ڏنل آهي. اهو ٽن رنگن ۾ آرٽ پيپر تي ڇپرايل ڪئلينڊر جنوري ۾ ٿيندڙ ساليانہ خريدارن کي مفت ڏنو ويندو.

سالانہ ميمبرشپ في ٢١-٠٠ روپيہ
ڇهہ ماهي ” ١١-٠٠ روپيہ

اڄ ئي آرڊر موڪلي وي-پي گهرايو يا پئسا مني آرڊر ڪري موڪليو ۽ بهترين ڪئلينڊر مفت حاصل ڪريو.

پتو: ماهوار رهبر ڊائجيسٽ، پوسٽ باڪس ٤٨، حيدرآباد سنڌ.

ديده زيب فرنيچر سان گهرن کي سجايو.

مضبوط فرنيچر آفيسن ۾ لڳايو.

پائيدار فرنيچر سان هوٽلون سينگاريو.

۽

زندگيءَ جي هر ضرورت ۾ اسان کي آزمايو.

# پرواز فرنيچر هائوس

١- گول بلڊنگ حيدرآباد سنڌ

گورنمينٽ جا خاص ڪنٽريڪٽر

۽ ضرورت تحت آرڊر وقت تي فرنيچر

مهيا ڪندڙ

فون نمبر 22456

زينت نذير
سکر

# "امر شهيد" هيمون؟

هيمون ۾ ڪالاڻي يعني هيمون مل پٽ پيسو مل ڪالاڻيءَ بابت ڪجهه به لکڻ جو ڪڏهن خيال نه آيو، جيئن چوڻي آهي- "گهر جو پير چلهه جو مارنگ" ڇاڪاڻ جو هيمونءَ جو واقعو اسان جي شهر، پر ائين چئجي ته اسان جي پاڙي جو هو، تنهنڪري ان جي ايڏيءَ اهميت جو احساس ايترو ڪڏهن به نه ٿيو جيترو هاڻوڪن شاعرن جي بيتن ۽ ليکڪن جي لکڻين ڪي ڏسي ٿي رهيو آهي، خاص ڪري آڪٽوبر جي ملير ڊائجيسٽ ڪي پڙهي اهو احساس وڌي ويو آهي. ۾ڻ سيما جنهن ڪالاڻيءَ ڪي ڪلاڻي لکيو آهي، منهنجي خيال ۾ ان هيمونءَ جو رڳو ڪو هاڪو ساڪو ورنن ٻڌو آهي پر حقيقت جي ڄاڻ پوري ڪا نه اٿس، نه ته جيڪر هوءَ ڪڏهن به "هنکي" پنهنجي ناڻڪا جي خوابن ۾ نه آڻي ها! ڇو ته هيمون نه هڪ ابوجهه ڇوڪرو هو! جنهن جي هٿ ۾ مشهور ٽيڻ جي اهڙي ڪا ليڪ هئي جنهن ڪيس اتفاق سان، ٻر جي حياتيءَ: جي عيوض! اها ناموري ڏيئي ڇڏي، جو اڄا پيو ڳائجي.

هن مضمون لکڻ جو ٻيو سبب ڪراچيءَ جي م، ع. انصاريءَ جي خواهش جو احترام آهي. هي واقعو ۱۹۴۲ع جو آهي جڏهن


م ب محزون

آهستي آهستي آخر مٿس هڪ غير معمولي ڪيفيت طاري ڪئي ۽ هن نيم خوابي جي عالم ۾ ڏٺو ته ڪنڊرن ۾ زندگي سجاڳ ٿي آهي. چئني طرف فانوسن جو نور ڦهليل آهي. شهرواسين پنهنجن گهرن کي ڪنوار وانگر سينگاريو آهي. رستن تي ڳاڙها ڪيمخواب ۽ ريشم جا ٿان وڇايا ويا آهن. هر گهر مان سنک جي صدا بلند ٿي رهي آهي. مرد، عورتون، ٻار ٻڍا ۽ جوان سڀ رنگ برنگي نوان ڪپڙا پايو هڪ ٻئي کي واڌايون ڏئي رهيا آهن ڇاڪاڻ ته اڄوڪي رات وڏي ٻائي جي پياري ڌيءَ روپ مالا جي شادي مهاراج ڪمار انوپ سان ٿي رهي هئي.

وڏي ٻائي ٻه مندر کي واه جو سينگاريو هو. عود ۽ لوبان جي وٽندڙ خوشبوءِ آهستي آهستي فضا ۾ پکڙجي رهي هئي.

نازڻ اڃان انهيءَ هوش ربا منظر ۾ گم هو جو سندس ڪنن تي مٺڙا مٺڙا آواز پيا.

هي هڪ مٺڙي گيت جا ٻول هئا. جنهن کي ڪيتريون ئي سهڻيون ڇوڪريون سريلي انداز ۾ ڳائي رهيون هيون.

نازڻ بيحد ڪوشش ڪئي ته گيت جي ٻولن کي سمجهي پر ٻول ٻه عجيب هئا ته زبان ٻه. فقط هن ۾ جو ميٺاج سمايل هو تنهن روح کي راحت ٿي بخشي.

مٽي جي مٺي ڦوڪ ۽ شرنائين جي سريلن نغمن ۽ دفن جي وجد ڏياريندڙ تالن سان گهوٽ جي سينگاريل سواري مندر وٽ اچي پهتي. قديم سنڌ جي جاڻن جوانن ۽ سورمن جي جلوس سان مهاراج انوپ ڪمار مندر ۾ گهڙيو، جتي سوين سهڻيون گوپيون ۽ داسيون گلن سان پريل سونيون ٿالهون هٿن ۾ جهليو منتظر بيٺيون هيون. جيئن ئي مهاراج انوپ ڪمار اندر آيو تيئن ئي مٿس هزارين گل ڇڻجڻ لڳا. پتل جون ننڍڙيون

سيما ممتاز عباسي

# پهريدار

★ شاهه ڪمپايت جي حڪومت جو دور نهايت ئي ظالمانو دور هو. هر طرف لاقانونيت ۽ بدامني جو دور دوران هو. رعيت سخت پريشان هئي. بادشاهه عيش عشرت جو ڪوڏيو هو — پوري حڪومت جو بار اميرن ۽ وزيرن کي سونپيل هو. آخر ظلم جي انتها ٿي وئي. عوام ۾ چوپول ٿيو ته بادشاهه اک پٽي ۽ اميرن ۽ وزيرن جا سڀ ڪانا بدلائي پورو نظام "رصاط" جي حوالي ڪري، پاڻ ورتي به عيش عشرت جي رنگيني ۾ غرق ٿي ويو. پهريون ته رصاط عوام لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي ۽ سهوليتون مهيا ڪيون ته، عوام ۾ ٺاپر پئي. اوچتو رصاط جو اندريون "رصاط" مري ويو ۽ هو دولت جي حرص ۾ اچي ويو. هن ڪوڙا سرڪاري اختيار عوام ني مڙهيا ۽ ڪايل اعلان ڪرايو ته، "بادشاهه اوهان ني ناراض آهي. ان ڪري بدامني پيدا ٿي وئي آهي. بادشاهه کي خوش ڪرڻ لاءِ سوکڙيون آڻيو."

رصاط جي ان چال رنگ لاتو. ڪيترا ئي وقت جا امير، واپاري، وڏيرا ۽ ٻيا مالدار قيمتي ۽ بيش بها سوکڙيون کڻي بادشاهه جي محل ۾ آيا — ۽ ملاقات جي اجازت گهري. رصاط سيني کي بيوقوف بڻايو، "بادشاهه آرامي آهي، ڪوڙ نه ڪيو. جيڪڏهن

جمعي جي ڏينهن مسجد جي خطبي دوران، شاهي فرمان موجب ملڪ جا سڀ مرد (نوجوان ـ پوڙها) گڏ ٿيا هئا. بادشاهه واپاري جي چوريءَ جو ذڪر ڪيو. هن پرزور نموني چيو ته سچ لئي ڪان اڳ چور پيش ٿئي ورنه سيني کي ڦاسي ڏني ويندي؟! مسجد جا بند دروازا کوليا ويا، ماڻهو اداس هئا ۽ سندن قدم ڏڪي رهيا هئا. شهر جي مختلف هنڌن تي ماڻهو گڏ ٿين لڳا. صرف چند ڪلاڪن ۾ اصلي چور حاضر ٿيو. بادشاهه هن کي سرعام ڦاهي ڏيئي لٽڪائي ڇڏيو. هن واقعي کان پوءِ سماج دشمن عناصر ۾ ڦوٽ پيئي.

بادشاهه، وزير، درٻارين ۽ معزز شهرين کي هڪ هنڌ گڏ ڪري خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هن سڀ کان وڏيڪ ٿيندڙ ظلم واري ڪوٺ "پيني" کي نظر ۾ رکيو ــ اهي رات ظلم جي وادي پيني جي چوواري تي سون چاندي، هيرن ۽ اشرفين جا ڍير لاٿا ويا ۽ سرڪاري پيادن کي واپس گهرايو ويو. اهي ڍير ٽي مهينا ائين پيا هئا، پر ڪنهن به هنن کي هٿ نه لاتو ـــ! بعد ۾ اهي غريبن ۾ ورهايا ويا.

امن ۽ سلامتي جو دور شروع ٿي ويو. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ترقي جا وارا آيا. بدعنوانيون ختم ٿي ويون. هر شخص کي پنهنجو جائز حق ملڻ لڳو ۽ هر شهري پنهنجا فرض ايمانداريءَ سان نبيرڻ لڳو. فوج طاقتور ٿي وئي ـــ نه هارايل ملڪ وري فتح ڪيو. شاهه ڪمپايت ڏانهن ڪنهن ملڪ به اک کڻي نهارڻ جي همت نه ڪئي. بادشاهه ان ڪاميابيءَ ڪري الله جو شڪر بجا آندو ۽ عبادت ۾ مشغول ٿي ويو. هو ٤٠ سال زنده رهيو. هن ٢٠ حج ڪيا. ملڪ عدل ۽ انصاف سان هلندو رهيو ۽ ان تي خدا جي رحمت لهڻ لڳي●



گهرو زينت جو فرنيچر هجي

يا آفيسن جي ضرورت جو هجي

اسان اوهان جي خدمت لاءِ هر وقت تيار آهيون

# انٽرنيشنل فرنيچر هائوس

ٽنڊي سڙڪ شاپنگ سينٽر حيدرآباد سنڌ

آرڊر تي اوهان جي پسند جو فرنيچر

مناسب قيمت تي اسين فراهم ڪندا آهيون.

مشتاق پاريچو

افسانو

# شريڪ حيات



مون کي هنجي زندگيءَ سان دلچسپي هئي هنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو حادثو شايد سندس شادي هئي ۽ آءٌ پنهنجي دوست جي ياد دل ۾ باقي رکڻ لاءِ گهڻو ۾ گهڻو سندس شاديءَ جو ذڪر دوستن ۾ ڪري ٿو ڇڏيان. انهيءَ ذڪر ڪرڻ سان مون کي ڪجهه روحاني سڪون حاصل ٿئي ٿو. جڏهن آءٌ زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ ٿڪاوٽ محسوس ڪريان ٿو ته دل جي گهراين ۾ لٿل ڪنهن جو تصور مون کي مجبور ڪري ٿو ته آءٌ ماضيءَ جي شراب کي خال جي پرتڪلف پيماني ۾ رڳهي، پي وڃان! تڏهن دل ۾ اڀرندڙ درد ڏور ٿي ٿو ۽ دماغ ۾ تازن ۽ نفيس احساسن لاءِ جڳهه پيدا ٿيو وڃي. اڄ آءٌ انهيءَ

آهيان. ايستائين مجيستائين هو وري واپس گهر نه پهتي."

هو اهي جملا ڏاڍي مزي سان بيان ڪري رهيو هو. گفتگو دوران هو ڏاڍو مسرور نظر ايندو هو، جهڙيءَ طرح ڪو وڏو فلسفي پنهنجي فن جي اعليٰ قدرن کي ڇهي خوش ٿيندو آهي.

( ٣ )

ٻي نشست ۾ آءٌ هون سامهون ڳالهه ٻولهه ٿي.

هو روز کان خوش هو، مون سندس شاديءَ کي ئي "موضوع گفتگو" بنايو، "ڀلا تنهنجي شاديءَ جو ڇا ٿيو؟"

"منهنجي شادي ٽٽي ٿي وئي." مختصر جواب مليو.

"ڪٿي ٽٽي ٿي؟"

"جتي منهنجي طبيعت گهريو."

"معلوم ٿو ٿئي ته تو پنهنجي والد محترم جي مرضيءَ کي تسليم ڪيو آهي." مون چيو.

"ته مون سنگ ٻائيهي ڳولهو آهي، ڇوڪريءَ جون خوبيون ڀڏل گهرڻ ٿو، ته ڪئي نمبر هڪ: هوءَ گلاب وانگر سرخ آهي ۽ سوسن ۽ نرگس وانگر حسين!"

"ڪا انگريز آهي؟" مون ڳالهه ڪائيندي چيو.

هن ڪلي ڏنو .... "نه، هوءَ پنهنجي ئي ملڪ جي عورت آهي، انهيءَ ڪري مون کيس گلاب، سوسن ۽ نرگس سان تشبيهه ڏني آهي."

نمبر ٻيو: - "هوءَ ايف. اي پاس آهي. انگريزي چڱي ڄاڻي ٿي." هن چيو.

"۽ کيس اردوءَ ۽ سنڌيءَ کان سخت نفرت آهي؛ حالانڪ انگاش به غلط ڳالهائي ٿي. ٻاٽي آئن کيي "والر برنگ" چوي

ني.“ مون چيو.

”ها.... ۽ ڪيس ادب سان دلي لڳاءُ آهي.“ هن چيو.

”اها صفت نمبر ٽين آهي....“

”۽ گهر جي ذميدارين ۽ گهر جي رک رکاءُ کان قطعي ناواقف آهي.“ مون وري ڳالهه ڪاٽيندي چيو.

”نمبر چوٿون: هوءَ افسانن، ناولن، فنڪشنن ۽ فلمن وغيره جي دل سان عاشق آهي.“

”ڏاڍو سٺو.“ مون ورائيو.

”تو ڪي هڪ مزي جهڙي ڳالهه ٻڌايان، ڇوڪري آزاد خيال آهي، پر سندس ماءُ پردي جي سخت پابند آهي.“ هن چيو.

”اهو انهيءَ ڪري، جو ڇوڪريءَ کي آزاد خيال سندس ماءُ نه، پر سندس پيءُ ڪيو آهي.“ مون هن جي ڳالهه کي پورو ڪندي چيو.

”ها، تنهنجو خيال صحيح آهي. مون سان سندس شادي پلس جي مرضيءَ سان ٿي رهي آهي، نه ته ماڻس سندس شادي ڪرڻ نٿي گهري.“

”ها،“ مون چيو.

”ڇوڪريءَ کي سينگار ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي.“ هن چيو.

”۽ وارن ۾ چنبيليءَ جو تيل ۽ جسم تي گلاب جي سينٽ هڻڻ ڪيس ڏاڍو پسند ايندو آهي.“ مون چيو.

”ها، ها!“ فوجي آفيسر منهنجي خيالن جي تائيد ڪندي چيو، ”تون ته اهڙيءَ طرح ڳالهيون ڪري رهيو آهين، جهڙو انهيءَ ڇوڪريءَ کان گهڻو واقف آهين.“

”ڇوڪريءَ جو پيءُ....“ هن اڃا اهترو مس چيو ته


امیر
تیمور
میاں عبدالمجید سندھی

# امير تيمور

امير تيمور کي دنيا جي فاتحن ۾ وڏو مقام حاصل آهي.
چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ هن ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو. يورپ جا بادشاهه سندس نالو ٻڌي ٻجندا هئا. گمناميءَ ۾ پيدا ٿي، پنهنجي تلوار جي زور سان ڪيترن ئي بادشاهن کي تخت ۽ تاج کان محروم ڪري نامور بهادرن کي شڪست ڏيئي پنهنجي وسيع سلطنت بنايائين.

سندس نسب جو سلسلو ترڪستان جي بادشاه "تومنه خان" سان ملي ٿو. تومنه خان کي ٻه پٽ قبلائي خان ۽ قاچوي بهادر ٿيا. قبلائي خان جي اولاد مان چنگيز خان آهي ۽ قاچوي بهادرّ جي نسل مان تيمور. سندن قبيلو "برلاس" جي نالي سان مشهور هو. تيمور جي والد جو نالو تونمائي هو. سندس قبيلي جا ماڻهو خانه بدوش هئا جتي پنهنجي ڌڻن لاءِ گاهه-پاڻي ڏسندا هئا، اتي وڃي ويهندا هئا. هي ماڻهو شڪار ۽ لڙائيءَ جا ٻه ماهر هئا تيمور جو پيءُ خدا ترس ۽ روزي نماز جو پابند هو، ۽ صلح ۽ امن جي زندگي گذارڻ پسند ڪندو هو.

تيمور شهر "ڪش" ۾ ٧ شعبان ٧٣٦هه مطابق ١٩ اپريل ١٣٣٦ع تي ڄائو. ڪن ايراني مؤرخن "تيمور" تي ان نالي پوڻ جو سبب بيان ڪندي لکيو آهي ته تيمور جي والد جي مولانا شمس الدين سان خاص عقيدت هئي. جڏهن تيمور پيدا ٿيو

ته هو ڪيس مولانا جي خدمت ۾ ڪٺي ويو. مولانا ان وقت قرآن مجيد پڙهي رهيو هو، ۽ هيءَ آيت تلاوت ٿي ڪيائين: ”آمنتم من في السماء. . . . . .الارض فاذا هي تمور.“ جڏهن سندن زبان مان لفظ ”تمور“ نڪتو، ته پاڻ ترسيو ۽ فرمايائين، ”هن ڇوڪري جو نالو تيمور رکو. هي دنيا کي هڪ سري کان ٻي سري تائين لوڏي ڇڏيندو.“

سندس تعليم ۽ تربيت تي جوڳو ڌيان ڏنو ويو. ننڍپڻ کان ئي سندس جوانمرديءَ جو احساس ٿيڻ لڳو هو.

ٻارهن ورهن جي عمر ۾ هو قبيلي جي ٻارن جو بادشاهه بنجي ويو. سندس رانديون بہ جوانمرديءَ ۽ جفاڪشيءَ جون هيون. ١٧ ورهن جي عمر ۾ گهوڙي سواريءَ ۽ تلواربازيءَ ۾ ايتري قدر ڪمال حاصل ڪيو هئائين، جو ڪوبہ جوان مرد مقابلي جي همت ڪري نٿي سگهيو. ان سان گڏ ڪيس شاعرانہ تخيل ۽ مجذوبانہ تصور بہ عطا ٿيل هو. ڪيترائي دفعا مٿس وجداني ڪيفيت طاري ٿي. چون ٿا، ته هڪ دفعي عالمِ رويا ۾ رسول مقبول صلعم جي زيارت ڪيائين.

جڏهن تيمور ٢١ ورهن جو ٿيو، تڏهن سندس پيءُ ڪيس امير ڪرغان واليءَ سمرقند جي دربار ۾ سفير ڪري موڪليو. امير ڪرغان، تيمور جي شڪل شباهت، همت ۽ شجاعت کان ڏاڍو متاثر ٿيو، ۽ ارادو ڪيائين، تہ جيڪڏهن تيمور سمرقند ۾ مستقل رهائش اختيار ڪري، تہ پنهنجي پوٽي ايلجي آغا ڪيس پرڻائي ڏي. شهزادي بہ حسين، جميل، همت، شجاعت ۽ نيڪ سيرتيءَ ۾ بہ پنهنجو نظير پاڻ هئي. تيمور بہ جڏهن ڪيس ڏٺو، تہ مٿس عاشق ٿي پيو. آخر پنهي جي وڏيءَ ڌام ڌوم سان شادي ٿي.

سمرقند جي قيام جي زماني ۾، ڪيترا دفعا موت جي

ڳڻ تي وئي، ۽ تيمور اعلان ڪيو، ته هو ماوراالنهر (جيڪو ان وقت ڪاشغر ۾ شامل هو) جو حڪمران آهي. هن پنهنجي جهنڊي جو نشان هلال ۽ سرخ گهوڙو ٺهرايو. جڏهن سندس جهنڊي جي هيٺان اورٽي ۽ پري جا ڪيترا بهادر اچي گڏ ٿيا، تڏهن انهن جي مدد سان سيستان ۾ هڪ قوم "بلوچ" جي قلعي تي حملو ڪيو. انهيءَ معرڪي ۾ فصيل تـي چڙهندي، هو ايتري قدر زخمي ٿيو، جو هٿ جون ٻه آڱريون ڪپجي پيس، ۽ پير ۾ ايڏو زخم ٿيس، جو حياتيءَ لاءِ منڊو ٿي پيو.

تيمور جي منڊي ٿيڻ لاءِ ڪيتريون ئي روايتون تاريخي ڪتابن ۾ ملن ٿيون. پر مٿي بيان ڪيل روايت وڌيڪ صحيح مڃي وئي آهي.

ان کان پوءِ تيمور ڇهه هـزار جانبازن سان الياس تـي حملو ڪيو. تيمور جي مورخ علامه شرف الدين علي يزديءَ لکيو آهي، ته حريف جو لشڪر ٣٠ هزار هو. ان جـي مقابلي ۾ ڇهن هزارن جي ڪهڙي هستي ٿي سگهي ٿـي. لڙائي جيحون نديءَ جي ڪناري تي قندز وٽ لـڳي. پهريءَ کان شام تائين بهادر هڪ ٻي جو مقابلو ڪندا رهيا؛ پر فتح ڪنهن جو ساٿ نه ڏنو. تيمور پنهنجي فوج آراسته ڪئي ۽ شبخون ڪيو. خواجه الياس جي فوج ۾ هڪ ئي جملي سان افراتفري پکڙجي وئي. تيمور پٺ وٺي هزارن کي قتل ڪيو. خواجه الياس سيحون نديءَ جو رخ ڪيو ۽ ڪاشغر جي ملڪ ۾ غائب ٿي ويو. فتح کان پوءِ تيمور کي وڏي اهميت ملي وئي. ان سان گڏ سندس بيشمار رقيب به پيدا ٿي ويا، جو هڪ فطري امر هو. تيمور جـي رقيبن ۾ سندس مصيبت جو رفيق حسين به هو. پر تيمور سڀني کي ختم ڪري ڇڏيو. آخـرڪار هو بلخ ۾ ١٣٦٩ھ ۾ وڏي

شان ۽ شوڪت سان تخت نشين ٿيو.

سمرقند جي پکيڙ ٣٥٠٠٠ چورس ميل هئي، جنهن تي تيمور جهڙو سپهه سالار قانع ٿي نه سگهيو؛ چاڪاڻ جو سندس قول هو، ته جهڙيءَ طرح آسمان تي خدا وحده لاشريڪ آهي، اهڙيءَ طرح روءِ زمين تي به هڪ ئي حڪمران هجڻ گهرجي.

ايران انهن ڏينهن ۾ علم ۽ تمدن جو مرڪز هو. اصفهان، شيراز، ترمز، ڪاخداد ۽ اڙيسه وغيره، تيمور شاه ايران تي حملو ڪري، سڀ کان اڳ انهن شهرن کي فتح ڪيو، ۽ پوءِ جلد ئي فرات ۽ دجله ندين جا ڪنارا، يعني بحر کان جبل تائين جملي ملڪ سندس قبضي ۾ اچي ويا. منصور، احمد، ابراهيم ۽ مظفر جهڙن وڏي مرتبي وارن بادشاهن سندس تابعداري قبول ڪئي.

جڏهن شيراز فتح ڪيائين، تڏهن خواجه حافظ شيرازيءَ کي سڏي، سختيءَ سان ڪانئس پڇيائين، ته تون اهو ئي دل جليو آهين، جنهن پنهنجي محبوب جي خال جي قيمت ۾ منهنجي عظيم‌الشان شهر سمرقند کي بخشڻ ٿي گهريو.

اگر آن ترک شيرازي بدست آورد دل مارا
بخال هندوش بخشم سمرقند و بخارا را

خواجه صاحب جواب ڏنو، ته ها مان اهو ئي شاعر آهيان ۽ اهڙين فياضين جي ڪري ئي منهنجي حالت زبون ٿي وئي آهي. انهيءَ حاضر جوابيءَ کان تيمور ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ اشرفين جي هڪ ٿيلهي ڏنائينس.

انهيءَ زماني ۾ البانيه جو حاڪم ابراهيم، صلح جي خيال کان تاتاري رسم ۽ رواج موجب نو ٿان، نو گهوڙا، نو جواهر ۽ نو غلام وٺي حاضر ٿيو؛ پر جڏهن تيمور ڏنو ته هڪ

غلام گهٽ آهي؛ تڏهن ابراهيم کان ان جو سبب پڇيائين. ابراهيم ڪنڌ جهڪائي عرض ڪيو ته "نائون غلام مان پاڻ آهيان."
تيمور سندس انهيءَ شاطرانه جواب کان ايتري قدر خوش ٿيو، جو الباني جي بادشاهه کي سندس ملڪ بخشي ڇڏيائين.

تيمور جهڙيءَ طرح اطاعت مان خوش ٿيندو هو، اهڙيءَ طرح سرڪشي کيس خراب لڳندي هئي. هو ڪاوڙجي جوش ۾ ديوانو ٿي ويندو هو؛ جڏهن اصفهان کي گهيرو ڪيائين، ۽ شهر وارن سندس مقابلي جو تاب نه سهي ڪنڌ جهڪايو ۽ شهر جون ڪنجيون سندس حوالي ڪيون، تڏهن هن سندن جان بخشي ۽ سندن مال ۽ زر کي هٿ نه لاتائين. پر هڪ رات هڪ لوهر تفريحا هڪ ننڍو جنگ جو طبل وڄايو. انهيءَ تي شهر وارن کي خيال ٿيو، ته تيمور جي فوج شهر کي لٽڻ جي ارادي سان جنگ جو طبل وڄايو آهي. انهيءَ ڪري هو مغلن تي حملي آور ٿيا، ۽ اڪ ڇنپ ۾ ۳ هزار مغل قتل ڪيائون. جڏهن تيمور کي انهيءَ واقعي جي خبر پئي، تڏهن قتل عام جو حڪم ڏنائين. مغلن ماڻهن کي ڳولهي ڳولهي ماريو. مورخن مقتولن جو تعداد ۷۰ هزار لکيو آهي. ايتري تائين به تيمور جي ڪاوڙ ڪونه لٿي. حڪم ڏنائين ته مقتولن جا لاش هڪ هنڌ گڏ ڪري هڪ منارو بنايو وڃي. انهيءَ مناري کي ڏسڻ وارا اهو پڌائي نٿا سگهن، ته اهو منارو ڏينهن جو هيبتناڪ معلوم ٿي ٿيو يا رات جو.

جن ڏينهن ۾ هو ايران فتح ڪرڻ ۾ رڌل هو، تن ڏينهن سندس غير حاضريءَ مان فائدو وٺي هڪ قوم جي سردار تغتمش نالي ممالڪ محروسه جي هڪ علائقي کي دٻائڻ جي ڌمڪي ڏني. تيمور انهيءَ فتني کي ايرڻ کان اڳ ئي دٻائڻ

مناسب سمجهيو. انهيءَ ڪري هڪ وڏو لشڪر وٺي ڪشمير سمنڊ ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ مهم جي ياد تازي رکڻ لاءِ هڪ بلند مينار تعمير ڪيائون. ان کان پوءِ هو هڪ بيابان سان لنگهيا، جنهن ۾ ٥ مهينا لڳي ويا. بيابان ۾ فوج کي بک ۽ پيون تڪليفون سهڻيون پيون. مطلب ته، جڏهن وڏيءَ تڪليف کان پوءِ بيابان عبور ڪري ويو، تڏهن خان تغتمش جي لشڪ سان سندس مقابلو ٿيو، جو تعداد ۾ تمام گهڻو هو، ۽ تلوار سان مغلوب ڪرڻ آسان نه هو. تيمور جي هڪ معتمد پيسن جي لالچ ۾ خان جي نشانچيءَ کي پنهنجي آقا سان دغابازي ڪرڻ تي آماده ڪيو. جڏهن لڙائيءَ جو ميدان گرم ٿيو، تڏهن نشانچيءَ جهنڊو سرنگون ڪري ڇڏيو. خان جي فوج اها شڪست ڏسي گهٻرائجي ويئي ۽ ڀڄڻ لڳي. اهڙيءَ طرح تيمور غنيم کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

اتان فارغ ٿي، تيمور والگا نديءَ جي زرخيز واديءَ سان لطف اندوز ٿيندو اتر طرف ايتري قدر وڌيو، جو ماسڪو وارا سندس آمد جي خبر ٻڌي خوف ۽ هراس کان بي حال ٿي ويا.

اتر کان موٽ تي، هو ڪجهه وقت پنهنجي سلطنت جي نظم ۽ نسق ۾ مصروف رهيو. انهيءَ وچ ۾ هن هندستان جي زرخيزيءَ ۽ دولت جو احوال ٻڌو. هن ١٣٩٨ع ۾ ٦٠ هزار بهادرن سان هندستان ڏانهن ڪوچ ڪيو.

هندستان ۾ داخل ٿي هن ڪيترن ئي شهرن کي اجاڙي ڇڏيو، ۽ لاتعداد ماڻهن جو خون وهايو. ڄڻ هڪ اهڙو وڏو طوفان هو، جنهن وڻن کي پاڙان پٽي ڪڍيو، ۽ زمين کي اٿلائي پٿلائي زمين تي ماڻهن جي لاشن جا ڍير ڪري ڇڏيا. هو ماڻهن کي مارائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. سندس

خيال هو، تہ هو هندن يعني ڪافرن کي مارائي نيڪ ڪم
ڪري رهيو هو.

سڪن هو تہ هو هندستان ۾ ڪجهہ وقت رهي ها، پر سندس اميرن ۽ فوج جي آفيسرن کيس رهڻ نہ ڏنو. مغل آفيسرن جو قول هو، تہ هندستان گرم ملڪ آهي؛ اتي جي طويل قيام جي ڪري سندن طاقت گهٽجي وينديءَ ۽ سندن اولاد هندستان جي آبهوا جي اثر جي ڪري پست همت ۽ بزدل پيدا ٿيندو. تيمور موٽ تي ميرٺ، پنڊا ۽ ملتان لٽيا. دهليءَ ۽ ميرٺ جي لٽ ۾ جيڪي غلام هٿ آيا هئس، مورخن انهن جو تعداد هڪ لک بيان ڪيو آهي. لکيو اٿن، تہ هر سپاهيءَ جي حصي ۾ ١٥٠ غلام ۽ هر خدمتگار وٽ ٢٥ غلام هئا. جڏهن غلامن جي ڪثرت جي ڪري فوج جي ڪوچ ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿي، تڏهن تيمور غلامن کي قتل ڪرائي ڇڏيو.

تيمور جو سڀ کان وڏيڪ زبردست حريف سلطان بايزيد، روم جو حاڪم هو. هو هميشہ تيمور جي سٽي تان تاج لاهڻ جي فڪر ۾ هوندو هو. ڪانئس وڏا وڏا يورپ جا بادشاهہ ڏڪندا هئا. هن پنهنجي زماني ۾ ڪيترن ئي بادشاهن کي جنگ جي ميدان ۾ شڪست ڏيئي قيد ڪيو هو. سندس مستعدي ۽ چابڪدستيءَ جي ڪري کيس اڄ تائين يلدرم (بجليءَ) جي خطاب سان ياد ڪيو ويندو آهي — جيڪڏهن تيمور، ايشيا جي تسخير ۾ مصروف هو، تہ سلطان بايزيد وري يورپين ملڪن ۾ پنهنجي اختيار ۽ اقتدار کي ترقي ڏيئي رهيو هو. انهيءَ ڪري ٻنهي حريفن جو هڪ نہ هڪ ڏينهن ٽڪر ٿيڻو هو.

تيمور هندستان کان موٽڻ کان پوءِ شام تي حملو ڪيو. جان ماڪم انهيءَ جنگ جي سبب جي باري ۾ لکيو آهي، تہ

قرا يوسف ترڪمان کان تيمور ڪنهن ڳالهه جي ڪري ناراض هو. هو تيمور جي علائقي مان ڀڄي، بايزيد وٽ هليو ويو. تيمور "قرا يوسف" جي پانهن سلطان کان گهري، پر بايزيد اها ڳالهه نه مڃي. ان تي جنگ شروع ٿي ويئي. تيمور حلب ۽ دمشق کي تاخت ۽ تاراج ڪري، انگوره جو گهيرو ڪيو. سلطان بايزيد به سندس مقابلي لاءِ آيو، ۽ ٨ جون ١٤٠٢ع ۾ انهن ٻنهي بهادر سپهه سالارن جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي، جا دنيا جي مشهور ترين لڙائين مان هڪ ليکي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ سلطان بايزيد ڏاڍي بهادريءَ سان لڙيو، تڏهن به آخر تيمور جي اڳيان سر نيازخم ڪرڻ تي مجبور ٿيو. تيمور، سلطان سان ڪهڙو برتاءُ ڪيو؟ ان لاءِ مورخن ۾ اختلاف آهي. ڪن متعصب يورپين ۽ عربي مورخين مذهبي اختلاف ۽ ذاتي بغض جي بنا تي لکيو آهي، ته تيمور سلطان کي لوهائين پڃري ۾ بند ڪيو هو، ۽ پنهنجي فوج سان گڏ کنيو گهمندو هو. علامه شرف‌الدين علي يزدي اهو واقعو هن طرح ٿو لکي:

تيمور سلطان بايزيد جهڙي وڏي مرتبي واري باڏشاهه کي شڪست ڏيئي سمرقند موٽي آيو. تيمور پنهنجي ذاتي ڪاوش ۽ جوانمرديءَ جي بدولت ٢٧ بادشاهن کي شڪست ڏيئي شاهه مان گدا بڻايو، ۽ والگا نديءَ کان ايراني نار تائين ۽ دمشق کان گنگا نديءَ تائين سمورو ملڪ فتح ڪري پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو.

تيمور سمرقند کي پنهنجي وسيع سلطنت جو مرڪز ٺهرايو، اتي شام، ايران ۽ هندستان جي ايتري قدر دولت گڏ ٿي ويئي هئي، جو ان جي شان ۽ شوڪت جو قاهره ۽ بغداد به مقابلو ڪري نٿي سگهيا. تيمور پنهنجي محل لاءِ ڳاڙهي اطلس جو

هڪ تمام وڏو سرا پرده ٺهرايو هو، جنهن تي زردوزيءَ جو
ڪم اهڙيءَ خوبيءَ سان ڪيو ويو هو، جو دنيا اڄ تائين
ان جو نظير پيدا نہ ڪيو آهي. ان تي جواهرن جي جهالر لڳل
هئي. مسجد جي لاءِ جيڪو خيمو تيار ٿيو هو، ان تي زر ۽
جواهر فراخدليءَ سان استعمال ڪيا ويا هئا. مسجد جي وسعت
جو اندازو ان مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، تہ انهن مان
هرهڪ خيمو هڪ اهڙي ”ارابہ“ تي لڏي تيمور جي ڪئمپ
سان روانو ڪيو ويندو هو، جنهن جو ”دهرو“ جهاز جي
ستول جهڙو هوندو هو، ۽ هرهڪ ڦيٿو، ٻي ڦيٿي کان گهٽ
۾ گهٽ ويهن فوٽن جي مفاصلي تي هو. ٻلن ڏاندن جون
ٻارهن جوڙيون هر گاڏيءَ کي ڇڪڻ لاءِ جوٽيون وينديون هيون.

انهيءَ زماني ۾ هسپانيہ جي بادشاهہ هڪ سفارت، تيمور
جي خدمت ۾ موڪلي. انهيءَ سفارت جو هڪ فرد ”ڪلاويجو“
لکي ٿو:

”هڪ طرف شہ نشين جا ڦوهارا هئا، جن تي ڳاڙها صوف
نچي رهيا هئا. هڪ مغرق قالين جو فرش هو، جنهن تي طلاڪار
مسند وڇايل هئي. تيمور ان تي ويٺل هو. ان وقت ديبائي
رومي جو چوغو لڱن تي پيل هوس ۽ سفيد عمامو مٿي تي
هوس. عمامي ۾ لعلن ۽ موتين جو هڪ طرو آويزان هو.“
تيمور جي ملڪ بابت انهيءَ سفير لکيو آهي: ”١٥ خاص
پانهيون هروقت سندس خدمت ۾ هيون. هڪ نيزي بردار سندس
ريشمي قبا کڻي هلندو هو. اس جي بچاءَ لاءِ سندس منهن تي
سفيدو ملي، کيس بگلي جي پر وانگر، سفيد ڪري ڇڏيندا هئا.
سندس ڏگهن وارن جي چوٽيءَ ۾ دُر آبدار پوتل هوندا هئا.
چمڪدار موتين جو هڪ ڏگهو طرو سندس چوٽيءَ ۾ آويزان

هو. ”ماڪم جي ڪاشاني ڪـي بيان ڪندي ڪلاويجو لکي ٿو: ”ماڪم جي ڪاشاني ۾ هڪ طلائي ميز رکيل هئي، جنهن جو تخو زمردي هو. ان تي هڪ وڻ بلڪل اهڙيءَ نَي طرح لڳل هو، جهڙو الهٰ دين جن جـي باغ ۾ ڏٺو هو. انهيءَ وڻ جون ٽاريون ۽ پن طلائي هئا ۽ لعلن، موتين ۽ جـوهرن جا ميوا لٽڪي رهيا هئا. شاخن تي طلائي جهرڪيون پر ڦهلائي ويٺيون هيون. انهن جا پر قيمتي جواهرن سان سزين هئا.“

٨ جنوري ١٤٠٥ع تي تيمور به لـک مجاهد ساڻ ڪري چين جي تسخير لاءِ چين جي پت ڏانهن رخ رکيو. انهيءَ وقت ايڏي برف پئجي رهي هئي، جو سيحون نديءَ جـو پاڻي ڄمي ويو هو. ١٧ فيبروريءَ تي ”اوتر“ نالي هنڌ تي، جو سمرقند کان ٣٠٠ ميلن جي مفاصلي تي هو؛ قيام ڪيو. اتـي ٿڌي هوا لـڳڻ جـي ڪري کيس ڪجهه بخار ٿيو. جيتوڻڪ طبيبن کيس برف نوشي کان روڪڻ جي ازحـد ڪوشش ڪئي، پر تيمور سندن هـدايت کـي ٺڪرائي ڇڏيـو، ۽ برف سان اڃ اجهائيندو رهيو، جنهن ڪري سندس حالت زبون ٿي ويئي. آخر ٦٨ سالن، ٩ مهنن ۽ ١٠ ڏينهن جي عمر ۾ ١٧ شعبان ٨٠٧هه مطابق ١٨ فيبروري ١٤٠٥ع تي انتقال ڪيائين. سندس وصيت موجب سندس وفادار سائين سندس لاش کي گلاب جي پاڻيءَ سان غسل ڏيئي، مشڪ ۽ عنبر لائـي، آبنوسي صندوق ۾ بند ڪيو، ۽ سمرقند ۾ آڻـي خواجه بهاءالدين نقشبند جـي خليفي امير ڪلان جي گنبذ ۾ دفن ڪيو.

تيمور بهادر هجڻ سان گڏ خونخوار به هو ته وري پڪو خداپرست به هو. سندس قاعدو هو ته جنگ کان اڳ ساري رات پنهنجي خيمي ۾ شهنشاهِ ڪون و مڪان جي روبرو سر عجز زمين نياز تي رڳڙيندو هو، ۽ پنهنجي فتح يابيءَ لاءِ دعا گهرندو هو●

## اسين اوهان جو آدرڀاءُ ڪريون ٿا

اوهين حيدرآباد وڃو يا ميرپورخاص!
ٽنڊي الهيار ۾ پيٽرول، آئل، ڊيزل ۽
هرقسم جي لبريڪينٽس لاءِ اسان کي
خدمت جو موقعو ڏيندا.

## اسين اوهان جا پنهنجا آهيون

# ستار پيٽروليم سروس

### ٽنڊو الهيار سنڌ

فون ۱۵۱

پروفيسر نوازعلي 'شوق' بلوچ

# اسلامي تاريخ جو هڪ ورق

خلفاءِ راشدين کان پوءِ جيڪي حاڪم سندن نقش قدم تي هليا، انهن ۾ حضرت عمر بن عبدالعزيز جو نالو سڀ کان وڌيڪ اهميت رکندڙ آهي. حضرت عمر بن عبدالعزيز جهڙو نيڪ نفس، عادل، رحيم، نرم مزاج، عالم و فاضل حاڪم وري پيدا نه ٿيو. جنهن خوبي و عمدگي ۽ جنهن عدل و انصاف سان هن دنياءِ اسلام تي حڪومت ڪئي، ايتري بعد جي ڪنهن به بادشاه نه ڪئي. سندن دور اخوت و مساوات، امن و راحت ۽ عدل و انصاف جو هڪ مثالي دور هو.

خليفي بنجڻ کان اڳ پاڻ عيش وعشرت ۽ شان و شوڪت سان زندگي بسر ڪندا هئا. نهايت قيمتي پوشاڪ پهريندا هئا. پوشاڪ تي بي انتها عطر لڳائيندا ۽ ڏاڙهي مبارڪ تي بي انداز عنبر ڇڙڪيندا هئا. بازار ۾ هميشه فخر، غرور ۽ تڪبر سان هلندا هئا. ليڪن تاريخ اسلام جو هيءُ هڪ حيرت انگيز ۽ تعجب خيز واقعو آهي جو خلافت بعد پاڻ ايتري ته سادگي، نياز ۽ نوڙت، اختيار ڪيائون جو دنيا حيران ٿي وئي. عبدالملڪ بن مروان خليفي بنجڻ کان اڳ دينداري جي زندگي بسر ڪندو هو، پر جڏهن خلافت جي مسند ماٿيائين ته قرآن شريف کي چمي ڏئي ڇپائين ته "الوداع". يعني اڄ کان دينداريءَ جو دور ختم ٿيو ۽ اميري ۽ بادشاهي جو دور شروع ٿيو. پر

# قرآن

اهلِ ايمان کي ڏنـو دولتِ ايمان قرآن
بالیقين آهہ کلامِ لبِ يزدان قـرآن.
آدمي کي تو کري برتر و ذي شان قرآن،
تو بڻايو آهي انسان کي انسان قـرآن.
عـلـم قرآن ﷺ آ معلم وڻهہ،
عين عرفان نبي منزلِ عـرفان قـرآن.
مدحتِ ختمِ رسل سورت و آيات کريم،
آهہ آئينهہ آئينهہ يـزدان قـرآن.
وردِ جبرئيـل امين درس - رسولِ عربي
آگهي علم و معارف جو دبستان قـرآن.
آيتِ عقده کشا دل سان پڙهي غمديده،
مشکلون تو کري لحظي ۾ سڀ آسان قرآن.
دشمنِ شرک و گمان کفر و فجور و وسواس،
بعلم الله جـو هر درد جـو درمان قرآن.
کلمہ گو کافر و ملحد جا نقيب و حامي؟
تو کري قتل مسلمان کي مسلمان قرآن!
عصرِ حـاضر ۾ آ مظلوم برنگِ شبير،
کوئي حافظ نہ محافظ نہ نگهبان قرآن!
مون کيو آهہ رقم تو کي بياضِ دل ۾،
تو کيو ظلمتِ سينهہ کي فروزان قرآن!
دست ۾ دامـنِ احمد و بغل ۾ مصحف
بي سر و برگ جو اي 'فيض' آ سامان قرآن.

# غـــزل

خوشي مان اک خماريل ٿو ڪٿي اهڙي جو چا ڇنڊجي!
ڪٿي دل قيد تـــو حملا هٿي اهڙي جو چا ڇنڊجي!
رکيو هڪ ديد ناڻ دل کـــي ڪيان قربان قدمن ۾،
عيان دلبر اٿئي اک جـي آڏي اهــڙي جو چا ڇنڊجي!
رکيو هڪ مرڪ مخفي مان ڪـريا موتي مٺين آهن،
ڏني صورت اٿئي دلبر ڏٺي اهـــڙي جو چا ڇنڊجي!
مٿيءَ مان ٿا ٿهن موتـــي، جتي ٻهڪنجا ڏريـــن پيرا،
سنڌ پيرن جي پارس ٿي پٽي اهــڙي جو چا ڇنڊجي!
سدائين ماهه ۾ سانـــدي، لڪايان لوڪ کان ٿو کي،
سنڌ صورت وٺي دل کي وٺي اهڙي جو چا ڇنڊجي!
ڪاهن ٿي زلف ڪارا ۽ ڏکيا، سرها ڇڏين چوڙي،
وري ويڙهين دليون ڏيئي ڦٽي اهــڙي جو چا ڇنڊجي!
ڪروڙيـن قرب، لک لائـق، اپر احسان ٿيا تنهنجا،
'قمر' کي تو ڏني قربن ڪٿي اهڙي جو چا ڇنڊجي!

## چنگ

عاشق ابوقبيس تـي، چوريو اهــڙو چنگ،
اٿي ارواحن کـــي، ڪيڙي نينهن اسنگ،
رحيم بخش رنگ، لاتــو جنهن جي لاتين.
چارئي تندون چوريون، پرتئون سور پڙهي،
چانگن تـــي چڙهي، پهتا پروانــن جيئن.
جوش منجهارئون جيئن، چارئي تندون چوريون،
لوندي لات "لبيڪ" جي، طالب پهتا تيئن،
قرب منجهارئون ڪيئن، 'قمر' چئي قربان ٿيا.

# رباعيات ذاڪر

ڪنهن ڪي به جڳائي نه تڪبر نه انا،
هي جاه و جلال آهه سڀو بي معنيٰ،
قرآن جي حقيقت جو زمانو شاهد،
الله سوا باقي هر چيز فنا.

بدنام ٿين سان جي وڏي نام، حرام،
نيلام ٿي حاصل ڪجي انعام، حرام،
ڪم ظرف جي هٿ مان جي ملي جام، حرام،
آغاز غلط جنهن جو سو انجام، حرام.

هي جبر تشدد جي عقيدن جا امام،
مڪاري جا مينار انا جا اهرام،
هرگز نه سي بندي مان خدا بڻجن ها،
ماضي جي خدائن جو ڏسن ها انجام.

جنهن ڪي خوشي يا غم دوران آهي،
احساس زبان آهه نه ارمان آهي،
تسليم ڪرين يا نه ڪرين پر اي دوست،
انسان جي صورت ۾ سو حيوان آهي.

جا حسن حقيقت جي قائل ناهي،
نظاره فطرت ڏي مائل ناهي،
تون ان کي ڏئين جيڪو نالو اي دوست،
هي خاڪ جو پتلو آ پر دل ناهي.

نوازعلي "شوق"

# غزل

تو سان جو مليون نظرون بيدار ٿي قسمت آ،
مولا جا لکين ٿورا، تو سان ٿي محبت آ.

حورن کي آ حيراني، پرين کي پريشاني،
تنهنجو نه ڏٺم ثاني، ڇا حسن ڇا سيرت آ.

رفتار ڏسو هن جي، محبوب ٿئي من جي،
اک ۾ ٿي قيامت کان، ڄڻ آئي قيامت آ.

هردم تو پريان آهون، تو لاءِ ڪريان دانهون،
سورن سان لڳم لائون، آرام نه راحت آ.

سڀڪجهه جي ويو لٽجي، پرواهه نه آ ان جي،
ڏس پاڪ پلا آهن، جو عشق سلامت آ.

هر چيز وڃي وسري، هڪ ياد رهي تنهنجي،
تو سان ٿي محبت آ، تو سان ٿي عقيدت آ.

دنيا کي خبر ڪهڙي، ڇا عشق جو رتبو آ،
جا ياد اوهان جي آ، معراج عبادت آ.

قربن سان ڪري قابو، هي "شوق" ڪيئي پنهنجو،
ڪيڏي نه نوازش آ، ڪيڏي نه عنايت آ.

محسن ڪڪڙائي

# ديس جو سپاهي

هن ديس جو رکوالو، هن ملڪ جو واهي مان
او پاڪ وطن! تنهنجو شهزور سپاهي مان.
مان امن جي عالم ۾ مکڙين جي مهڪ سڏجان،
۽ جنگ ۾ دشمن لئه، چڙهي قهر الاهي مان.
ويهلن نه ڇپر ڇانئون، ڪاهيان نه ڀتر پاڻي،
ڳايان نه مٺيون لوليون، گرجان نه تباهي مان.
اڄ ۾ به ڪفن سر تي 'محسن' ڪي ڏئو دنيا،
هائي به ڏيان بيٺو جرئت جي گواهي مان.

✻

# قطعا

ڪجهه نه پنهنجي پسند پهچايو، توڪان ڪوڙها ڪڙي پيا هوندا،
ڪجهه دل درد مند پهچايو، سمجهه وارا سڙي پيا هوندا.
پاڻ ڪي پاڻ ئي اسان، افسوس، پنهنجي قسمت جي فيصلي ڪان اڳي،
آهه ڏاڍو گزند پهچايو. لفظ منهن ۾ اڙي پيا هوندا.

# غـــزل

الٰهي عاشقِ ناڪام تـي ڪا مهرباني ٿئي،
وڃي دورِ خزان بالڪل بهارِ جاوداني ٿئي.
قيامت تڪ نه مون کان دور دلبر يار جاني ٿئي،
دلِ مضطر کي حاصل خوب لطفِ زندگاني ٿئي.
رخِ روشن ڪري آهي سياهي دور عالم جـي،
مثالِ حسن يوسف جـي نه حـورِ آسماني ٿئي.
جهان جـــي ساحري شرمنده تعبير هائـــي آ،
گرفتاري بشر جـي، جو سبب جادو بياني ٿئي.
نگاهِ نيم ڪش کان آهه قتل عـــام روزانه،
فريبِ ديد کان هيهات، ڏـي هرجان فاني ٿئي.
مقابل جنت الفردوس جـي آهي سندم مسڪن،
هتي اڄ رشڪِ يوسف جي وري ڏي ميزباني ٿئي.
سنده ديدار خاطر مدت کان پوء چشم وا آهي،
دلِ مشتاق جي بيشڪ نشان و رهي نشاني ٿئي.
غريب و بي وطن جي لاش تي اڄ تون سوا گل جي،
سنده حسنِ تبسم کان سدائين گل فشاني ٿئي.
شڪستِ فاش آئي عشق ۾ 'منصور' کي آهي،
خدا ڄاڻي دلِ مضطر جي ڪڏهن ڪامراني ٿئي.

امان الله منگي ”ناظم“

# غــــزل

اي شهيد پاڪ تنهنجو رت نہ ويندو رائگان،
اڄ بہ تنهنجي فتح آ همت مگر هاريــن مٿان.

داغ دشمن جـــو مٽائي ڏيهہ کــي ڏيکاريو،
منزل مقصد تـــي پهچي ويندو آخر ڪاروان.

عز و عظمت کي شهادت ڏي تہ زنده ٿي رکيءَ،
پــل ٿين قربان سر سو وار پنهنجي ديس تان.

بزدليءَ سان ڪين ٿي سرويچ سگهيو سرفروش،
سرفروشن جـــي سدا منزل ڏٺم سوريءَ مٿان.

تو ڏسي ڪردار جو رخ تنهنجي اڄ تسخير ڪي،
انتقامي وار ولـــٽـــو آ وري تقدير ڪان.

تنهنجي همت ساڻ ويرين جو ٽٽي پوندو جگر،
غير جو گهٽبو گلو ڪپبو جگر شمشير سان.

ڪاميابي ٿي جهڪي قدمن تي ’ناظم‘ ڏس نصيب،
غازين جي عزم جـــي ٿا ڪن ستارا آجيان.

شاعر، رهبر الحاج نادرعلي شاه "مير"

# الاهي تون انسان اهڙا عطا ڪر

ديانت، شرافت محبت جا پيڪر، صداقت، عظمت ۽ شجاعت جا پيڪر،
الاهي تون انسان اهڙا عطا ڪر.

عجب عادتن خصلتن ۾ زياده، سهاڄها ۽ سادا نيازن ۾ زياده،
الاهي تون انسان اهڙا عطا ڪر.

نگاهون هجن پاڪ حرص و هوس کان، دلين جا چمن پاڪ ٻي خار و خس کان،
الاهي تون انسان اهڙا عطا ڪر.

نه منصب جي لالچ نه زر جو اَثر هجي، هجي تنهنجي رحمت تي جنهن جي نظر هجي،
الاهي تون انسان اهڙا عطا ڪر.

خود آگاه، بيباڪ، بيدار انسان، غريبن يتيمن جا غمخوار انسان،
الاهي تون انسان اهڙا عطا ڪر.

نه تن جي محبت نه ڌن جي محبت، هجي 'مير' دل ۾ وطن جي محبت،
الاهي تون انسان اهڙا عطا ڪر.

✻

حسين بخش مگسي (سرائڪي)

لائق پوري ڪافي

# "رني نئين جدائي وي"

آئي ميگهہ ملهاري وي، ناريان ٿم ٿم تــــي ڇمران ڇم ڇم،
ساون آئـــي بوندان وسڙيان، وٺان ٿڌان رت ساٺـــي وي.
باغان بهاران چ پنوري بلبل، چيهان چتوان لات لاڌـــي وي.
ڪنون ڪنون گهٽان جاني دا جلوا، نيوي ڪا جلوي نماڌي وي.
بره بادل پر پر آيـــئـــي، رني نئين جدائـــي وي.
مينهن دي ڦڙ ڦڙ چٿن نہ هڪ پل، گهڙي گهڙي دل گهاڌي وي.
واٽان نهاران ني ڦالان پاوان، نوري نظر آوسن چائي وي.
دلڙي پتهہ پتهہ دانهن ڪريندي، ڪونج وانگون ڪُر لائي وي.
اُجهہ اُجهہ باهيان پڙڪي ڏيون، جندڙي عشق جلائي وي.
وڇڙني محب ملپڻي سيان ڪون، ڏي نہ ملا رسوائـــي وي
دو، 'حسين' ڪنون گهار نہ هڪ پل، درد منڌي دي دوائي وي.

علي انور ”ضيا“ عباسي

# موسم بهار جي باغ ۾ آرزو

ڪڏ ممڪن سان آءٌ جيڪر اڄ گهمان جي وس پڄي،
غنچہ و گل جي لبن کي مان چمان جي وس پڄي.

دائما ڳـــاڙهن ۾ شبنم کـــي ڪلندو هٿ ڏسي،
مان مبارڪ باغبانـن کـــي ڏيان جـــي وس پڄي.

سـاهرو، معصوم، ڀـوري، قـربـواري بلبلي،
مان چمان گل تي صفا ان کي عيان جـي وس پڄي.

هو ڏسو بلبل، ڪبڪ، اڄ ڪوڪ ڪوئل جي پڌو،
دل چـوي ٿي لاٿيون جيڪر پڙا جـــي وس پڄي.

آءٌ ڪهڙي اي ”ضيا“ تعريف گلشن جـــي ڪيان،
باغبانـــن مان ”ضيا“ جيڪر ٿيان جـــي وس پڄي.

✻

محمد خان "مخمور"

# غزل

سوڍن سور دل ۾ اٿاري هليو وئين!
قسم آ خدا جو، روئاڙي هليو وئين!

ڪڏهن ڪين تو مان هيم آس اهڙي،
عجب روپ اڄ تون ڏيکاري هليو وئين!

ٻڌي تنهنجو ٻهڪي اٿي من جي مکڙي،
ڪري ڌار رخ کان ڌڪاري هليو وئين!

ٿي ٻلٻل ٻهاريءَ محبت جي مٺڙي،
وڻا وڻ، سندا اڄ پياري هليو وئين!

ٻڌي ٻرت واري ميساري تون "مخمور"،
ڏئي ڳل ڳراٽي تہ ڳاري هليو وئين!

✱

# بيت

مٺو مٺائين گهوربان ٻن جو ماهه نہ مور،
ساري هن وجود ۾ سوين ڀون تا پور،
سر آلاپ ۽ ساز ڪڻ لهي وڃن سڀ سور،
اونداهي چوڌار آ ڦهلائج تون نور،
ٻيجل ٻيوس راهه آ تون ڪونهي مجبور،
سر ڏنو منظور، ٻون ڪي آهي سڙن تي.

—

مٺو مٺائين گهوريان هتي رمي رهه رات،
تنهنجي تند تنوار سان حاصل ڪريان حيات،
پره ڦٽي پرڀات، سانگو آهي سر جو.

—

مٺو مٺائين گهوربان اڇي ڪر ڪيڪار،
چارڻ چوري چنگ کي اندر تون آچار،
حاضر سر ۽ ساهه آ ڪٽي نيئن نهار،
راجا تنهنجو داس آ تون آهين سردار،
ٻيجل تنهنجي ٻول ۾ آهي ڇا اسرار،
ڪهڙو ڪري قرار، آيو پرديسان پند ڪري.

—

پرديسان پند ڪري، هلي آيس هت،
چوربان اٿو مان چنگ کي نوڙت ڪري نت،
جيءُ تنهنجو جت، ناهي ڪو سر ساز جو.

—

پرديسان پند ڪري راجا تنهنجي ديس،
منگڻهار جي ويس، آيس اميدون کڻي.

# بيت

وڃڻ ٻه ويڙهيچن جا مون اکين ني آهين،
سڀ مون ڏڪارين، آءٌ اصل کان انهن جي.

✲

ساريندي مون سِڪ، رات گذاري روڄ ۾،
وراڻي ته ٻه وڃڻ، ڏين شل مَ ڏکيءَ کي.

✲

سڪايل جا سڏڙا، سڄڻ شال سڻن،
جيڏيون جيءَ مون جند کي سندن وڃڻ وڻن،
منهڙو ڪيم موٽن، ’عاصي‘ آس انهن جي.

✲

لاهينس نه مور، ڪٿي ڪتل ڪيت جي،
ڦريندس نه ڦٽ کي، نه ڪي شاهي شور،
پنهوارن جا پور، وهندا ڪين ولهي تان.

✲

ماندي ڪسي موٽلا، ٻسائين شل ٻڪڙا،
ڏولاوا ڏک ڏور ڪر اولاڻون رولا،
’عاصي‘ جا مولا، ڪرين ڪم ڪريم تون.

قريشي عبدالمجيد "شاهد"

## بيت

مدني جا مير، تون مرسلن مهندار،
ﷺ منا كارڻي، تون سردارن سردار،
اي امت جا آڌار، تون حامي ٿجان حشر ۾.

تون حامي ٿجان حشر ۾، مٺا مرسل ﷺ ڄام،
جن و ملڪ، انس و فلڪ، تنهنجا تابع ٿيا تمام،
نبي نفسي نفسي ڪري، ٿيندا سڀئي تنهنجي سام،
جيڪي لڳا تنهنجي لام، تن کي خوف نڪو خطرو.

تن کي خوف نڪو خطرو، جيڪي تنهنجا ٿيا غلام،
قبر توڙي حشر ۾، تن لئه سختي آ حرام،
صلواتون سلام، لک لک تونتي سيدا.

لک لک تونتي سيدا، صلواتون سلام،
احد وٽان احمد ٿيي، آندو تو پيغام،
ميم سندي آ مام، آهي حرف مڙئي هڪڙو.

"ساجد" لعاپوري

# غــــزل

درد سون اهڙو پرايو دوستي تنهنجي منجهان،
جو نہ اهڙو ڪنهن پرايو دشمني تنهنجي منجهان.

بيرخي تنهنجي وچـــي ٿي روپ ڏاريندي نئـون،
جيڪڏهن سمجهان تہ چا؟ مان بيرخي تنهنجي منجهان.

زندگي تنهنجي وئي بيڪار، ڪنهن انسان ڪـي،
جي نہ پهتو فائدو ڪو زنــدگي تنهنجي منجهان.

سا خوشي تـــو لئہ حقيقت ۾، خوشي ناهي رهي،
رنج ٿئي سارو زمانو جنهن خوشي تنهنجي منجهان.

تنهنجي ان عادت جـــو ناهي ڪو زماني ۾ مثال،
جڳ سڄو راضي رهي جنهن آدمي تنهنجي منجهان.

ڏس! رکو آهي جان جـو ئي سبق حاصل ڪيو،
اي شمع! پــرواني هردم روشني تنهنجي منجهان.

ٿي نہ سگهندو تـوکي حاصل شيخ! لطفِ بندگي،
جي جنون غائب ٿيو ٿـي بندگي تنهنجي منجهان.

ٻي نہ تون جي دائمي حاصل نہ تـوکي ٿي سگهي،
بيخودي مينوش! ڪاٿي ميڪشي تنهنجي منجهان.

پڪ اٿم ڏيندين اچا 'ساجد' کي تـون ڏاڍ عذاب،
بي رحم، سمجهي ويس مان بي رحم. تنهنجي منجهان.

# پورهيو

پورهيو زنده باد، الو ميان پورهيو زنده باد!
هيت هنت، آدِ جڳاد، الو ميان پورهيو زنده باد!

پورهيو جر جهنگ رنگ رچائي،
پورهيو سهسين سنگ پچائي،
پورهيو سڀ جا انگ لڪائي،
نياڻيون سياڻيون ننگ ڍڪائي؛
ننڍڙا وڏڙا شاد، الو ميان پورهيو زنده باد!

پورهيو انجڻيون، ريلون، گاڏيون،
پورهيو مينهون، ٻاڌا، ٻاڍيون،
پورهيو کير مکڻ جون چاڏيون،
خوش ٿي کائن لاڏا لاڏيون؛
مست مگن نر ماد، الو ميان پورهيو زنده باد!

پورهيو ڏوڙ مان ڌن بڻائي،
پورهيو پيارو آن اپائي،
پورهيو بر ۾ باغ لڳائي،
ڌرتي سائو چولو پائي؛
ملڪ سڄو آباد، الو ميان پورهيو زنده باد!

پورهيو ٻهراڙين جي عظمت،
پورهيو شهرن جي آ شهرت،
پورهيو ديس جي دولت ـ عزت،
پورهيو زنده باد، الو ميان پورهيو زنده باد!
هيت هنت، آدِ جڳاد، الو ميان پورهيو زنده باد!

"جوهر" بروهي

# غـــزل

اهي راز ظـاهر اشارن ۾ ٿيندا،
۽ تعبير خوابن جا تارن ۾ ٿيندا.

ٽڙيو دل جو غنچو ٿئي آس پنهنجي،
اهـــي گيت ڀـــورا بهارن ۾ ٿيندا.

مڙيا زخم دل جـــا مليا پيار وارا،
ادائـــن جـــا نخرا نظارن ۾ ٿيندا.

عطا سوز توکان ٿيو مون کي دلبر،
اهي تـــذڪرا پيار وارن ۾ ٿيندا.

حسين خال تنهنجا عجب جلوا تن جا،
سي مقبول اڄ چـتـرڪارن ۾ ٿيندا.

سچ تنهنجو 'جوهر' چوي ٿو هتي،
پنهنجا راز ظاهر اچـــارن ۾ ٿيندا.

*

سومرو محمد اسحاق ”راهي“

# صلو سادگيءَ جو

ڏٺوسين حياتيءَ ۾ دم دوستيءَ جو،
فقط نام آ دوستي، دشمنيءَ جو.
نتيجو ٿيو رسوائي آ، دل لڳيءَ جو،
مليو خوب مون کي صلو سادگيءَ جو.
لٽائي مان هر آرزو دل جي ويٺس،
ويو وسري مفهوم آ، زندگيءَ جو.
ستم در ستم ٿيا محبت ۾ حاصل،
ٿيو قدر وه واه سندم عاشقيءَ جو.
ڪري قصرِ شاهي، ڪهٽي رشڪ ان تي،
ڏسوا شان منهنجي جهرپل جهوپڙيءَ جو.
جي حاصل ٿئي ٿو مقامِ ايازي،
قدم تي رلي تاج جو غزنويءَ جو.
ويا وري سجدا حقيقي خدا جا،
دلين تي ٿيو آ اثر ڪافريءَ جو.
اسان قبلو ڪعبو سڄڻ ۾ ڏٺو آ،
ثواب آ رياضت ۾ حج اڪبريءَ جو.
جهڪي ٿي قدم تي حسينن جي درگاه،
ٿيو اعتراف آ سندس دلڪشيءَ جو.
اهو ئي سندس آهي احسان جو آيو،
ڪيو قدر دلبر دمِ آخريءَ جو.
نڪي سڌ پيا آرزوئن جا آهن؛
پيو پاڇو ’راهي‘ تي آ ڪنهن پريءَ جو.

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# اکرن جي اکيڙ

گز = سنگ ۾ هڻڻ جي
گز = ڪاٺ جو، جيڪو واهه جي موري بند ڪرڻ جي ڪم اچي.
گز = ماپ جو
سِڌي = هڏي
مِيڙي = مڇيءَ جو نالو
مِيڙي = هوڪ جو قسم
بُني = قبر
بُني = شهر جو نالو
ٻني = ٻاهر جي
بَني = مسافرن کي هميشه ماني کارائڻ
پلنگ = وڏي کٽ
بلنگ = مٺائي جو نالو
ٻلنگ = ڪتي جو نالو
ٻلنگ = چيتو، شينهن
تِرُ = ترن جي ٻوک

ٽِرُ = اناج جو قسم
نر = منهن ۽ ٻين عضون تي ڪارا ٽِڪا
ٽِڙ = ذرو
تَرُ = ٻاچين ۽ ٻين شين کي ٻچائڻ
تَرُ = ڪاٺيءَ جي ڇيل
تَرُ = پاڻيءَ ۾ ترڻ جو امر
تَر = آلي
دَرُ = دروازو
دُرُ = موتي
دُرُ = زيور جو قسم
دُرُ = فقير کي ڏجهن
دَرِ = نندڙون مڇيون
مهري = اٽ جو قسم
مهري = دال جو قسم
مهري = آن ڇڙڻ جي
سنگ = سنگت

سنگ = ڇ-وٽر، ڪلڪ ۽ ڪاٺيءَ جو

سنگ = ڏڄ

سنگ = بادشاهي محصول

داس = ڏاٽو

داس = ٻانهو

داس = خاص طرح سان ڀچاٽڻ

داس = گهرول گوشت

لڪر = ذات جو نالو

لڪر = لڪري



لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ

جبران خليل جبران
مخزون

# لڙڪ ۽ مرڪ

سج پنھنجي نوراني چادر باغ جي ساوڪ تان سموٽي ورتي ۽ چنڊ افق تي ابري مٿس چانڊوڪي ڦھلائي. مان وڻن جي ھيٺان ويھي فضا جي ھن ردوبدل تي سوچي رھيو ھوس ۽ ٽارين جي وچان تارن کي تڪي رھيو ھوس جي آسمان ۾ ائين ٽاڪيل ھئا جيئن ڪنھن نيري غاليچي تي پکڙيل دينار ۽ پري مائريءَ ۾ وھندڙ نھرن جا سريلا نغما ٻڌي رھيو ھوس.

جڏھن پکين وڻن جي ٽارين تي واھيرو ڪيو، گلن پنھنجون اکيون بند ڪيون ۽ ھر طرف خاموشيءَ جو راڄ ڇانئجي ويو تڏھن گاھ تي مون کي ھلڪن قدمن جو کڙڪو ٻڌڻ ۾ آيو ۽ مون مڙي ڏٺو تہ ھڪ نوجوان جوڙو منھنجي طرف اچي رھيو ھو جو ھڪ وڏي ۽ گھاٽي وڻ وٽ پھچي اھڙي طرح لڪي ويھي رھيو جو مون کي تہ ڏسڻ ۾ ٿي آيو پر مان سندن نظرن کان لڪل ھوس.

ٿوري دير کان پوءِ نوجوان چئني طرفن نھاريو ۽ چيائين، "اچ، منھنجي پياري، منھنجي پر ۾ ويھي منھنجي ڳالھہ ٻڌ، مرڪ تہ سھي ڇاڪاڻ تہ تنھنجي مرڪ اسان جي مستقبل جي ڀاڳ جي ھڪ وڻندڙ نشاني آھي. خوش ٿي جو دنيا اسان جي ڪري خوش آھي. منھنجي دل مون کي انھيءَ شڪ کان آگاھ ڪري رھي آھي جو تنھنجي دل ۾ مسايل آھي.

ڪي . ايل تنها

# اڪيلائيءَ جو ساٿي

عنوان پڙهڻ سان ئـي دل اڇلون ڏيـڻ شروع ڪيون، ڪيترو نه پيار ۽ رس ڀريو لفظ آهي. هن ڏکن ۽ مصيبتن جي کلن راهن ۾ هرڪو ئي ڪنهن وفادار ساٿي جو ڳولائـو آهي. ۽ اهڙي عنوان پڙهڻ سان ئي اندر جو آرام، دل جو دلاسو ۽ روح جي راحت مليو وڃي. يڪدم سوال ڪـرڻ ڪٿڻ لڳي ٿو ته ڪير؟

ها نه اهو ساٿي آهي سگريٽ. بظاهر خوبصورت، فرحت بخش ۽ قابل فخر. ڪيس محفلن جو روح ۽ ترقيءَ جي ڏاڪڻ تصور ڪيو وڃي ٿو. هر ساٿي جي تلاش سطحي طور ڪرڻ ۾ انسان کي ايترو ته نقصان ڪٿو نو پوي جو شايد هر قيمت تي ڳرو ٿيو پوي. آءٌ زياده ديگهه ڪرڻ کان بهتر سمجهان ٿو ته هن ساٿيءَ جون خوبيون بيان ڪريان.

سگريٽ جو هر سولو انسان کي موت جي قريب ڪيو ڇڏي، ڇو ته سگريٽ جو دونهون سڌو انسان جي ڦڦڙن ۾ وڃي ٿو جنهن لاءِ جسم تي خطرناڪ اثر ڇڏي ٿو. ڦڦڙن جو ڪم ئي آهي آڪسيجن آڻـي رت صاف ڪرڻ. ان آڪسيجن سان گڏ سگريٽ جي مهرباني ڪري اسين ڪيترن ئي قسمن جا زهر جن ۾ نڪوٽين جو نالو عام آهي پنهنجي ڦڦڙن ۾ پهچايون ٿا. هنن مهربان زهرن جي آمد سان ڦڦڙن ۾ جيڪي ١٨٠٠،٠٠٩٠٠٠



# آبادگارن لاءِ نئين خوشخبري

ھريون پيرو انٽرنيشنل جا مشھور ٽريڪٽر 72 ھارس پاور جا، محدود تعداد ۾ اچي رھيا آھن. جي قيمت ۾ مناسب ۽ ڪم ۾ پنھنجو مٽ پاڻ آھن. آبادگارن کي گھرجي ته ان سونھري موقعي مان فائدي وٺڻ لاءِ جلد ئي، وچڙ ۾ اچن.

# صوفي ٽريڊرس

شھيد ملت روڊ، ميرپورخاص — فون : ٣٩٣



# نور شاهين ۽ سنڌي غزل

محترمه نور شاهين جو مجموعه ڪلام ساهون آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ نور شاهين پهرين عورت آهي جنهن شاعري کي پنهنجي داخلي ڪيفيتن جي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي سندس اها ڪوشش سنڌي ادب ۾ نيڪ فال آهي. سنڌي افساني جي ميدان ۾ چند عورتن طبع آزمائي ڪئي آهي جن جي اهڙي ڪوشش اسان جي ادب ۾ هڪ روايت قائم ڪئي آهي ۽ صنف نازڪ جي ادب سان دلچسپي زنده قوم جو مثال آهي. عورتن سان شاعريءَ جي ميدان ۾ نور شاهين سڀني کان اول قدم رکيو آهي اهڙي ڪوشش نهايت قابل قدر ۽ قابل تحسين آهي.

اسان مجموعي جي غزلن جو غور سان مطالعه ڪيو آهي. ڪلام جي خوبين ۽ خامين کان به بخوبي واقف ٿيا آهيون. هڪ خوبي نهايت واضح نموني اجاگر ٿي آهي جنهن اسان کي

غمن ۽ غمگسارن به بي تحاشا روئڻ شروع ڪيو.

نور شاهين جو ڪلام گهڻو ڪري عشق مجازي تي مشتمل آهي جنهن ۾ جمالياتي رنگ ڪارفرما آهي. ليڪن منجهس عشق حقيقيءَ جي چاشني به نهايت اهم آهي. جنهن کي نظرانداز ڪرڻ بدذوقيءَ جو دليل ٿيندو. ان ڪان سواءِ اسان کي سندس ڪلام ۾ عزم ۽ اعتماد جون خوبيون ابتريون پرپور نظر اچن ٿيون جن کي اسان شاهين جي شخصيت کان الڳ رکي نٿا سگهون. اسان مٿي شاهين جي عشق مجازي جو هڪ خاڪو پيش ڪيو آهي جنهن کي ثابت ڪرڻ لاءِ سندس ڪلام مان انتخاب پيش ڪريون ٿا جنهن مان ظاهر ٿيندو تہ شاهين پنهنجي ڪلام ۾ هڪ مخصوص فضا قائم ڪئي آهي جا سندس ڪاميابي جو راز آهي. سندس داخلي ڪيفيات جي بتدريج ترقيءَ جو اندازو پڻ لڳائي سگهجي ٿو:

”پنهنجي صنم جا صحن تي ڌري قدم،
ويران جهوپڙيون ڪل رشڪ بهار ٿيون.“

---

”شباب و عشق تي اهڙين جواني تي خمار ايندو،
ملي تو ساڻ پنهنجي خوبي قسمت تي بهار ايندو.“

---

”ياد آهي محفل وارفتگي ساقي مگر،
ڪجھ خبر ناهي ڪڏهن گردش ۾ مينا جام ٿيو.“

---

راهه تي راهن جي سندس وٺي ڏانهن راهه،
ڪين مگر آيو صنم ڏينهن ٿيا ماهه،

زندگيءَ سان منهنجي وئي ختم ٿي هر آس،
انتظارن موت کان اڳ ماري ڪيو پاهه."

---

"تميزِ هوش مون کي ڇو ٿا سيکاريو خردمندو،
هتي جنهن دم خرد آئي، جنون ٿي همرڪاب آيو."

---

"هن ڪڏهن توهو ڇڏيو سهٽا سجڻ! سوچي ٻڌاءِ،
هي ته هو فرقت جو ٻهريون سور مون روئي ڏنو."

---

"مان دشت نوردي ۾ جڏهن آهه ڪريان ٿي،
هن آهه جي شعلي سان بيابان دکن ٿا."

---

"رهِ عشق ۾ پاڻ ماري ڇڏيوسين،
جهانِ وفا کي سنواري ڇڏيوسين."

---

"خدا کي ۽ خدائي کي پسند آهي وفا منهنجي،
خدا جي مدعا بڻجي وئي آ مدعا منهنجي."

---

"مرڻ تائين هجان تو وٽ، جيان تو وٽ، مران تو وٽ،
اکين سان جي قدم پنهنجا چمائيندين ته غم گهٽبو."

---

"شبِ آخر ڏسي هڪ نيم بسمل جي تڙپ 'شاهين'،
غمن روئي ڏنو ۽ غمگسارن پي ڏنو روئي."

٢- تصوف جو اخلاق سان گهاٽو ناتو آهي. اخلاق کان
سواءِ تصوف جو وجود بي معنيٰ آهي. عشق حقيقي ۾ "من وتو"

"هيا 'شاهين' ڪوڙا ٿا هڻن سڀ دم محبت جا،
حقيقت ۾ ازل کان عشق جو اسرار تون آهين."

---

"ڪيم قول جنهن سان "قالو بليٰ" جو،
نڀائيندي تنهن سان ندامت اي ٿيندي،
ستارن کان افضل نشيمن آ منهنجو،
جتي برق جي ڪا وساطت نہ ٿيندي."

---

"همت نہ جهلي حورنڪا جن و ملائڪ،
صد شڪر غم عشق ڪيو مون ٿي گوارا،
حاصل جو ٿيو راز بقا راز فنا ۾،
هوءِ اهل فنا لاءِ ٿيا ڪن ڪنارا."

---

"ڪنديس راهِ بقا ۾ مان فنا پنهنجي جڏهن هستي،
نڏهن هن روح جي هستي تي پنهنجي اعتبار ايندو."

---

٣- اسان مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ شاهين ۾ هڪ حوصلو، عزم ۽ اعتماد آهي. جنهن جو ذڪر هن نهايت خوش اسلوبيءَ سان ڪيو آهي نہ جنهن ۾ پروپئگنڊا جو عنصر آهي ۽ نہ وري خالي نعري بازي آهي. سندس اعتقاد آهي تہ منزل حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيءَ محنت جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ان ۾ ڪوتاهي سرزد ٿي وڃي تہ ڪائنات جو سمورو نظام درهم برهم ٿي وڃي ٿو. رات ۽ ڏينهن جي گردش مشينري بيهجي وڃي ٿي.

"عشق جي راهن ۾ ڪن پنهنجا قدم تيز تيز،
ورنہ بيهي رهندي هيءَ گردشِ ليل و نهار."

# "مائوزي تونگ"

مصنف: رسول بخش پليجو

ڊسمبر جي پرچي سان ملائي پڙهو

صفحه ١١٠ تي "سرمايه دار ملڪن ۽ چيانگ جون سازشون" جي عنوان تي پليجو لکي ٿو، "انهيءَ وچ ۾ دنيا جي سياست ۾ زبردست ڦيرڦار گهيريون اچي ويون. هٽلر پنهنجي عروج تي پهچي ويو هو. انگلنڊ ۽ فرانس جي سرمايه دار حڪومتن جي مرضي هئي ته هٽلر کي هٿي ڏئي سندس هٿان روس جي انقلابي حڪومت کي ختم ڪرايون. تنهنڪري هنن سازش ڪري هٽلر کي خوش ڪرڻ لاءِ کيس آسٽريا، چيڪوسلوواڪيا ۽ پين تي ناجائز قبضي ڪرڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي. هاڻ هو انهيءَ ڪوشش ۾ هئا ته جپان کي به پاڻ سان ٺاهي راضي ڪري کيس ايرندي پاسي کان روس تي ٻڇون. انهيءَ ڪري هنن سڀ آچون لڪرائي هٽلر خلاف گڏيل محاذ ٺاهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو." ان کان پوءِ موصوف برلن ماسڪو معاهدي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو، "روس جي انقلابي پارٽي ۽ سرڪار برطانيه ۽ فرانس جي سڄيءَ سازش کي سمجهي ويا ۽ آخر منجهانئن صفا نااميد ٿي ١٩٣٩ع ۾ هنن هڪ زبردست سفارتي اٽم بم اڇلايو جنهن جي ڌماڪن سڄيءَ سرمايدار دنيا کي لرزائي ڇڏيو. ٢٢ آگسٽ ١٩٣٩ع تي روس جي حڪومت هٽلري جرمنيءَ

پوريءَ طرح يورپ ني نپولين بوناپارٽ وانگر پنهنجي بادشاهت قائم ڪرڻ گهري ٿو. ان سبب ڪري برطانيه سرڪار پڪو پهه ڪيو ته پولنڊ تي حملي ٿيڻ تي هوءَ خاموش نه رهندي، خطري جي پيش نظر چئمبرلين ۳۱ مارچ ۱۹۳۹ع تي پارليامينٽ ۾ اعلان ڪيو ته پولنڊ (Poland) تي نازي حملي جي ڪري اسين ضرور هن جي آزاديءَ جو بچاءُ ڪنداسين ۽ ان لاءِ جنگ ڪرڻ کان به گريز نه ڪنداسون. چئمبرلين جي هن دڙڪي تي هٽلر دل نه جهلي سگهيو چاڪاڻ ته انگلنڊ وڏي طاقت هئي ۽ مٿل مشهور هو ته انگريز جي بادشاهت تان سج لهندي نه ٿو. هٽلر سمجهيو ته پولنڊ تي حملي ڪرڻ کان اڳ اهو ضروري آهي ته روس سان فوجي معاهدو ڪجي، نه ته اڪيلي چڙهائي ڪرڻ سان مورڳو چيهو رسندو ۽ پولنڊ کي به هڙپ نه ڪري سگهبو. هٽلر روس سان معاهدي ڪرڻ تي بيتاب ٿيو. ان کان اڳ سندس وزير خارجه ربنٽراپ [Rebbentrop] روسي وزير خارجه مسٽر مولوٽو [Molotove] سان ماسڪو ۾ ملاقات ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري هئي، جنهن کان جواب ڏيڻ ۾ تاخير ٿي. ان ڪري هٽلر مجبور ٿـي ۲۳ آگسٽ ۱۹۳۹ع تـي اسٽالن [Stalin] ڏانهن ذاتي پيغام موڪليو ۽ ڪانئس ربنٽراپ جي روسي ليڊرن سان ملاقات جي اجازت گهري. ان تـي سٽالن هٽلر جي آڇ قبول ڪئي ۽ ۲۳ آگسٽ ۱۹۳۹ع تـي نازي وزير خارجه مسٽر ربنٽراپ [Rebbentrop] هوائي جهاز تي چڙهي ماسڪو ۾ روسي ليڊرن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ پهتو. هٽلر جـي وزير خارجه جي ماسڪو واري دوري تي برطانيه سرڪار سخت تشويش جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجي جرمنيءَ واري سفير مسٽر هئنڊرسن [Handerson] کي هدايت ڪئي وئي ته هـو فوراً هٽلر سان

ملاقات ڪري. برطانوي سفير نازي آمر سان مليو چيمبرلين جي آخري وارننگ کان ڪيس آگاهہ ڪيو ۽ هن ڪـي واضح الفاظ ۾ ٻڌايو تہ پولنڊ تي حملي ڪرڻ وقت اسين خاموش تماشائي نہ ٿياسون ۽ انگريز سرڪار ان جـي بچاءَ لاءِ موثر تدبيرون اختيـار ڪندي. مسٽر هنڊرسن [Handerson] پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ هٽلر ڏانهن چيمبرلين جي لکيل خط جـو متن شايع ڪيو آهي جو هن ريت هـو تہ، ”١٩١٤ع واري لـڙائيءَ ۾ هز مئجسٽي جي گورنمنٽ تي الزام ڏنو ويو تہ جيڪڏهن هوءَ پنهنجي ان وقت جي پوزيشن صاف ڪري ها تـہ شايد جنگ جي آفت ٽري وڃي ها. ان الزام ۾ ڪا صداقت آهي تہ، ان لاءِ ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. بهرحال هن ڀيري اسين صاف چوڻ ٿا گهرون تہ ان قسم جي المناڪ غلطفهميءَ کي ڀيهر پيدا ڪرڻ نہ ڏاو وينداو. جيڪڏهن ڪا اهڙي نوبت آئي تہ اسان جـون مسلح فوجون ان کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهنديون ۽ جي هڪ دفعو جنگ ڇڙي تہ ان جي تباهہ ڪن اثرات جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي.“ [Failure of a mission by Handerson P-236] هٽلر هنڊرسن جي رام ڪهاڻي ٻـڌي جواب ڏنـو تہ، ”جرمني انگلنڊ سان دوستيءَ جا ناتا قائم ڪرڻ گهري ٿو پر جيڪڏهن اسان تي اوهان حملي جو آغاز ڪيو تہ ان کي منهن ڏيڻ لاءِ اسين بہ تيار آهيون.“ [Ibid P- 237].

هوڏانهن ربنٽراپ روسي ليڊرن سان مفيد ڳالهيون ڪيون هيون ۽ ان جي نتيجي ۾ جرمني ۽ روس جي وچ ۾ ڏهن سالن تائين جنگ نہ ڪرڻ جو معاهدو ٿيو. جنهن جـو ذڪر پليجي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهـي. پليجي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ صاف لکيو آهي تہ برلن ـ ماسڪو معاهدي جي ابتدا

روس جي انقلابي پارٽي ۽ سرڪار ڪئي هئي جنهن کي هو انهن جو سفارتي انتم بم تو سڏي. پر مٿي واقعات سان ثابت ڪيو ويو ته ان معاهدي جي ابتدا هٽلر ڪئي هئي. معاهدي ۾ ٻنهي حڪومتن يعني نازي جرمني ۽ سوشلسٽ روس قبول ڪيو ته جنگ جي حالت ۾ ٻئي ملڪ گڏجي ڪنهن به دشمن ملڪ جي مدد نه ڪندا ۽ جيڪڏهن ڪا اهڙي صورتحال پيش آئي ته، پاڻ ۾ ويهي هڪ ٻئي سان صلاح مشوري ڪرڻ بعد ئي ان جو مقابلو ڪبو. جيڪڏهن فريقين جي وچ ۾ ڪي به اختلاف پيدا ٿين ته مصالحت جي ذريعي ان جو نبيرو ڪبو.'' ڏسو [Nazi Soveit Treaty P-7o]. هيءَ ڳالهه خاص ياد ڪرڻ جي آهي ته آگسٽ ١٩٧١ع تي روس ڀارت سان جيڪو فوجي معاهدو ڪيو هو، ان جا شرط به هوبهو ساڳيا آهن جيڪي هٽلر سان ڪيا ويا هئا. جهڙيءَ طرح ڀارت روس سان دفاعي معاهدو ڪري مشرقي پاڪستان تي حملو ڪري ڏنو، ساڳيءَ طرح هٽلر به روس سان فوجي معاهدي ڪرڻ بعد هڪ هفتي اندر يعني پهرين سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي پولنڊ تي حملو ڪري ڏنو. ڇاڪاڻ ته کيس روس جهڙي هڪ وڏيءَ طاقت جو تعاون حاصل هو. پولنڊ تي هٽلر جي ڪاهه جي خبر پوريءَ دنيا ۾ بجليءَ وانگر پکڙجي ويئي، هوڏانهن برطانيه سرڪار هٽلر کي پن ڏينهن جو نوٽيس ڏنو ته جيڪڏهن ان عرصي اندر هٽلر جنگ بند نه ڪئي ۽ پولنڊ تان پنهنجون فوجون نه هٽايون ته ٣ سيپٽمبر کان وٺي برطانيه هٽلر جي جرمنيءَ سان جنگ ڪندي. پر هٽلر روس جي هشيءَ تي مست هو سو ڪٿي ٿو اهڙي الٽيميٽم جي پرواهه ڪري. ان ڪري ٣ سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي ٻي مهاڀاري لڙائي جي شروعات ٿي.

ٿامس هارڊي

غلام نبي ميمڻ

هڪ بهترين ناول جو اختصار

# تقدير



هيءَ اڻويهين صديءَ جي اونهاري جي هڪ اُونڌڙ شام

”هن وقت مونوٽ صرف پندرهن شلنگ آهن ۽ اڄ جيڪڏهن مان هڪ آزاد شخص هجان ها ته هن وقت تائين ڪيترائي هزار پائونڊ ڪمايان ها. پر مان گهريلو زندگيءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهيان.“ سندس مڙس گفتگو جاري رکندي چيو:

”مان ڏاڍو حيران آهيان ته جڏهن ماڻهوءَ کي زال جي خواهش نه هجي ته پوءِ هو ڇو مجبوراً ان سان ٻڌو رهي. ڇو نه ان کي ٻه وڪرو ڪيو وڃي جهڙيءَ طرح ماڻهو پنهنجا پوڙها گهوڙا وڪڻي ڇڏيندا آهن.“

انهيءَ ٻئي شخص پنهنجو خيال ظاهر ڪيو، ”منهنجو ٻه اهوئي خيال آهي، انهيءَ ۾ ته ڪوبه هرج نه آهي- پر جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص ان کي پنهنجي ضرورت ۽ خواهش مطابق خريد ڪري - مان هن ئي وقت پنهنجي زال کي وڪڻڻ لاءِ تيار آهيان، جيڪڏهن ڪوبه اهڙي خواهش ظاهر ڪري.“ مائيڪل وري چيو:

”ها، ائين ته ٿي سگهي ٿو“ ڪجهه ماڻهن جواب ڏيندي سندس زال کي مڙئي ڏنو جا پنهنجي مڙس جي شرمناڪ ڳالهين ۽ ماڻهن جي گهورڻ ڪري سخت بيچيني محسوس ڪري رهي هئي. هڪ ٻيو شخص سگريٽ جو دونهون اڏائيندي چوڻ لڳو:

”مان چئي سگهان ٿو ته هيءَ عورت اعليٰ صلاحيتن جي مالڪ آهي جنهن تي جيڪڏهن ٿورڙوئي توجهه ڏنو وڃي ته اهي جوهر چمڪي اٿندا ۽ ان کي هرڪو پسند ڪندو.“

پنهنجي زال جي انهيءَ غيرمتوقع تعريف جي ڪري نوجوان مڙس ششدر ٿي ويو. گهڙي پلڪ لاءِ کيس پنهنجي زال جو قدر محسوس ٿيو. پر جلد ئي انهن خيالن کي ختم ڪري

هڪ گني ڏئي سگهي ٿو. پوءِ هو هڪڙيءَ مان ٻن تي آيو ۽ پوءِ ٿن تي. پر مائيڪل آخري فيصلو ٻڌايو ته هن پهرين پنجن شلنگن جي خواهش ظاهر ڪئي هئي پر هينئر جيڪڏهن ڪو پنجن گينين تائين به ڏئي ته — سوسن ان جي — ورنه هن معاملي کي هينئر ختم ٿي سمجهو — سڀ ماڻهو خاموش ٿي ويا. انهيءَ خاموشيءَ کي هڪ روڪيل ليڪن بلند آواز ٽوڙي ڇڏيو.

”مون کي منظور آهي“ سڀني مڙي دروازي طرف ڏٺو، جتي هڪ جهازران بيٺو هو. جو چند منٽ اڳ مس اندر داخل ٿيو هو. ان جي آواز کان پوءِ مئخاني ۾ موت جهڙي خاموشي ڇانئجي وئي.

”ڇا توهان کي واقعي منظور آهي؟“ مائيڪل مسلسل ان ڏانهن نهاريندي پڇيو.

جهازران ٻيو دفعو به پنهنجي منظوري ڏني ۽ هلندي اچي بار جي وچ ۾ بيهي رهيو. هن گڏي پنج شلنگ ڪڍيا ۽ مائيڪل جي سامهون ميز تي ڪٽي رکيا. اجان تائين ته ماڻهو انهيءَ تماشي کي محض هڪ کيل سمجهي محظوظ ٿي رهيا هئا. هينئر جڏهن هڪ شخص سچ پچ پيسا ڪڍي ميز تي رکيا تڏهن سڀ ماڻهو سنجيدگيءَ سان نتيجي جو انتظار ڪرڻ لڳا.

”مائيڪل! منهنجي ڳالهه ٻڌ! ياد رک جيڪڏهن تو هنن پئسن کي هٿ به لاتو ته مان سچ پچ هن غيرمرد سان هلي وينديس. چرچي جي به ڪا حد ٿيندي آهي.“ سندس زال زوردار آواز سان ڪاوڙ ۾ ڏڪندي چيو.

”چرچو! هي يقيناً چرچو نه آهي. مان پئسا وٺندس ۽ تون هن جهازران سان هلي وڃ. بلڪل صاف ڳالهه آهي.“ مائيڪل

خفي. ٿيندي زال کي جواب ڏنو.

”جيڪڏهن تنهنجي زال مون سان گڏ هلڻ ۾ راضي نه آهي ته پوءِ يقين ڪيو ته مان ڪنهن به صورت ۾ سندس جذبات کي ٺڪرائڻ پسند نه ڪندس. ۽ جيڪڏهن هوءَ راضي نه آهي ته پوءِ مون کي به منظور آهي.“ جهازران ڪيس سانتيڪي لهجي ۾ چيو.

”اوه! هن ۾ منهنجي زال جي رضامندي شامل آهي ڇو ته هڪڙو ڏينهن اڳ ۾ ته اسان پنهي جي انهيءَ معاملي تي گفتگو ٿي هئي. ۽ انهيءَ ڪري ته مان ڪيس ٻار به کڻي وڃڻ جي اجازت ڏئي رهيو آهيان.“

”ڇا اهو سچ آهي؟“ جهازران ان جي زال کان پڇيو.

”ها: مان راضي آهيان.“ ان جي زال جذبات کان مجبور ۽ خشڪ لهجي ۾ جواب ڏنو. پر جواب ڏيڻ کان اڳ ۾ هن پنهنجي مڙس جي منهن ڏانهن نهاريو ته شايد ڪو پشيمانيءَ ۽ ندامت جو منجهس نشان ڪٿي هجي. ليڪن هوءَ مايوس ٿي رهي. سندس مـڙس پئسا کڻي کيسي ۾ وڌا ۽ ڪيس وڃڻ جـي اجازت ڏني.

”اچو، توهان به اچو ۽ ٻار کي به کڻي اچو.“ جهازران ان جي زال کي مخاطب ٿي ڏاڍي ۽ هلڪي مرڪ سان چيو.

زال گهڙي کن ويهي مڙس تي گهري نظر وڌي ۽ پوءِ ٻنان ڪجهه ڪڇڻ جي ٻار کي هنج ۾ کنيائين ۽ دروازي جو رخ رکيائين. شرم، ڪاوڙ ۽ بيعزتيءَ کان سندس ڏاڍي خراب حالت هئي. دروازي جي ويجهو پهچي هوءَ ويهي رهي. آخر مان شاديءَ واري منڊي لاهي ۽ مڙس ڏانهن اڇلائي دانهن ڪيائين:

”مائيڪل! مون تـوسان گڏ ٻه سال گذاريا آهـن پر



اڊنا فربر

بشير بلوچ

ناول جو اختصار

# "وڏو ماڻهو"

اڊنا فربر — ١٥
آگسٽ ١٨٨٧ع ني
ڪلامائزو
Kalamazoo Mich
شهر ۾ پيدا ٿي. هي
خاتون امريڪا جي
چوٽي جي ناول نويسن
۾ شمار ڪئي ويندي
آهي. شروع ۾ هن کي
آرٽ ۽ ٿيٽر سان چاهه
هو پر پيءُ جي نابڻ
ٿبڻ ڪري هن کي
پنهنجو ارادو ترڪ
ڪرڻو پيو — ۽ هن
دهلي ڪريسينٽ اخبار
۾ بحيثيت رپورٽر
نوڪري اختيار ڪئي.

